ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 10 آڪٽوبر 2026ع 27 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيا شمارو (56)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 10th October 2026

# پاڪ فوج سعودي ۾ رڳو دفاعي مقصدن لاءِ موجود آهي، يمن تي حملن جون خبرون بي بنياد آهن: پاڪستان

مڪي دفاعي معاهدي جي اسٽريٽجڪ، سياسي ۽ دفاعي ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو، پاڪستان جي پرڏيهي وزير، دفاع واري وزير ۽ فيلڊ مارشل شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ دفاع لاءِ عملي قدم کڻڻ جو فيصلو

سعودي عرب پاڪستان جو اسٽريٽجڪ پائيدار آهي، مڪي دفاعي معاهدي بابت وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم مڪمل صلاح مشورا ڪيا، سياسي قيادت کي به سڄي عمل ۾ شامل رکيو

ترڪي طرفان زميني فوج موڪلڻ جو فيصلو ان جو پنهنجو معاملو آهي، ترڪي مڪي دفاعي معاهدي جو حصو آهي ۽ دفاع جي ذميواري سڀني ميمبر ملڪن تي لاڳو ٿئي ٿي

پاڪستان پنهنجا فيصلا قانون ۽ پنهنجي ضابطن موجب ڪري، ٿيو سمورا معاملا صلاح مشوري سان طئي ڪيا ويا آهن، گڏيل دفاعي معاهدي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو سموري حڪومت جو هو: ترجمان

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي | ڪاتي چيو آهي ته پاڪستاني فوج سعودي | عرب ۾ رڳو دفاعي مقصدن لاءِ موجود آهي | جڏهن ته يمن تي پاڪ فضائيه جي ڪارروائي يا ڪنهن به حملي جون خبرون | بي بنياد آهن. هفتيوار بريفنگ دوران
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ننڍين ۽ وچولن ڪاروبار کي بنا وياج قرض ڏيڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن ھنڊريڊ انڊيڪس هڪ لک 67 هزار 89 پوائنٽس تي بند

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

## وزيراعليٰ ڪي پي ڪي رڳو لانگ مارچ ۾ مصروف آهي: دانيال چوڌري

صوبائي حڪومت جون ترجيحون عوام جي تحفظ بدران سياسي سرگرمين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون
فتنہ الخوارج جي دهشتگرد ڪارروائين خلاف صوبائي حڪومت پاران واضح موقف جو سامهون نہ اچڻ

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ قانوني اينٽم بم جي برابر آهي گورنر راڄ آخري آپشن هوندو پي ٽي آءِ انتهاپسنديءَ ڇڏي ڏئي: پ پ چيئرپرسن

# جتي عوام نٿو چاهي صوبا نٿا ٺهي سگهن، محسن نقوي ۽ مصطفيٰ ڪمال سنڌ جي ضلعن ۾ وڃي ڏسن ته ماڻهو ڇا ٿا چاهين: بلاول

ڪي پي صوبائي حڪومت عوامي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ بدران انتهاپسندي ۽ نفرت جي سياست ڪري رهي آهي، جنهن جو نقصان صوبي، عوام ۽ ملڪ کي پهچي رهيو آهي

هفتو اڳ وفاقي حڪومت ۽ سمورو نظام ڪي پي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار هو، پر پيپلز پارٽيءَ جو موقف هو ته اهڙن غيرمعمولي آئيني اختيارن جو استعمال آخري قدم طور ٿيڻ گهرجي

صوبي ۾ پي ٽي آءِ وٽ عوامي حمايت موجود آهي، پر پنهنجي سياسي حڪمت عملي ۽ انتهاپسند روش سبب پارٽي پنهنجن ئي حامين کي مايوس ڪري رهي آهي

ڪراچي جي نوجوانن کي مبارڪباد ڏيان ٿو جن لاءِ اسپورٽس ڪمپليڪس تعمير ڪيو ويو آهي، اسان چاهيون ٿا ته نوجوانن کي مثبت سرگرمين جا موقعا ملن ۽ هو ملڪ جو نالو روشن ڪن

اسان پنهنجي نوجوانن کي ڪڏهن به نوهن ۾ ملوث ڏسڻ نٿا چاهيون پيپلز پارٽي مثبت سياست ڪرڻ چاهي ٿي، پر ڪجهه قوتون شهر جي نوجوانن کي نوهن ڏانهن ڌڪي رهيون آهن

ملڪ کي سياسي استحڪام جي ضرورت آهي دهشتگرديءَ جي روڪٿام لاءِ صوبائي حڪومتن جو سهڪار ضروري آهي: ڪراچي ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري | چيو آهي ته خيبرپختونخوا جون حالتون
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري اسپورٽس ڪامپليڪس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ بنيادن تي ٻارڻ ۾ ريليف ڏيڻ لاءِ پُرعزم آهي: نائب وزيراعظم

فيول سبسڊي اسڪيم بابت قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي ۽ فيول سبسڊي اسڪيم بابت ميڊيا مئنيجمينٽ ڪميٽي جو گڏيل اجلاس به ٿيو گڏيل ويندو

معاشري جي مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ بنيادن تي ٻارڻ ۾ ريليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ پُرعزم آهي ته جيئن عام شهرين کي وڌ کان وڌ ريليف ڏئي سگهجي

اسڪيم تي عملدرآمد کي بهتر انداز ۾ يقيني بڻايو وڃي، وسيلن جي موثر ورڇ ڪئي وڃي ۽ عوامي آگاهي جي لاءِ هڪ جامع مهم هلائي وڃي: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار لاڳاپيل عملدارن کي بين الصوبائي ۽ بين الوزارتي رابطن کي موثر بڻائڻ فيول سبسڊي اسڪيم تي عملدرآمد کي بهتر انداز ۾ يقيني بڻائڻ وسيلن جي موثر ورڇ ۽ عوامي آگاهي جي لاءِ هڪ جامع مهم | هلائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته حڪومت وزيراعظم جي هدايتن موجب | معاشري جي مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

## ناڻي وزير سان هالينڊ جي ڪاروباري وفد جي ملاقات، ٻطرفي واپار تي ڳالهيون

مسلسل پاليسين سڌارن ۽ نجي سرمائي کي وڌ کان وڌ متحرڪ ڪرڻ ضروري آهي: ناڻي وزير

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪاروباري رابطن، سيڙپڪاري، واپار ۽ ڊجيٽل معيشت واري شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جو عزم ورجايو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب | چيو آهي ته پاڪستان ۽ هالينڊ جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار آرچ بشپ پال رچرڊ جو آڌرڀاءُ ڪري رهيو آهي

## پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ اٽڪ پل کان اڳيان نہ وڌي سگهندو: جماعت اسلامي

خيبر پختونخواهه بدامني، سياسي عدم استحڪام ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي

عوام پي ٽي آءِ کي لانگ مارچ لاءِ ووٽ نہ ڏنو 50 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن

مالاڪنڊ (اي پي پي) جماعت اسلامي جي امير ۽ اڳوڻي صوبائي وزير عنايت الله خان | چيو آهي ته خيبر پختونخواهه بدامني
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

## نوجوان سرڪاري نوڪرين تي ڀاڙڻ بدران مهارت حاصل ڪري روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪن: شرجيل ميمڻ

دائود يونيورسٽيءَ جي اقبال ڪيمپس ۾ شاگردن جي رهائش لاءِ ڊورم ۽ اسپورٽس ڪمپليڪس جو افتتاح ڪيو ويو

سنڌ حڪومت هلندڙ سال 1,100 نوان اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي: صوبائي وزير

اسان جو مقصد شاگردن کي معياري تعليم، جديد سهولتون ۽ تحقيق جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس | ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ | ٽيڪنالاجي جي اقبال ڪيمپس ۾ ڊورم
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ دائود يونيورسٽي ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## وزيراعظم پاران خيبر پختونخوا ۾ فتنہ الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

## عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچو تيل سستو ٿي ويو، سون، چانديءَ ۽ زرعي جنسون مهانگيون ٿي ويون

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ جمعي ڏينهن ڪاروباري هفتي جي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

## سرڪاري ملازمن کي فوري ۽ سستو انصاف فراهم ڪرڻ اوليت ترجيح آهي: وزير اطلاعات

آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ ميرٽ تي ٻڌل فيصلن لاءِ سمورين صلاحيتون استعمال ۾ آڻبيون

وفاقي وزير رانا اسد الله جي فيڊرل سروس ٽربيونل جي چيئرمين جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ | چيو آهي ته سرڪاري ملازمن کي فوري ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

## نواز شريف سان گورنر سنڌ جي ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

لاهور (اي پي پي) پاڪستان مسلم ليگ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

## لانگ مارچ "لڪي ايراني سرڪس" بڻجي ويو آهي: گورنر فيصل ڪريم

صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو وفاقي حڪومت کي ڪرڻو آهي

وفاقي حڪومت مون کان رپورٽ طلب ڪئي ته موجوده صورتحال بابت راءِ پيش ڪندس

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبر پختونخوا
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

## صدر آصف زرداري پاران ذهني صحت لازمي جز قرار

ترقين ذهني صحت جي آگاهي لاءِ عملي قدم کڻن: صدر مملڪت

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ذهني صحت کي صحت، انساني | وقار ۽ قومي ترقي جو لازمي جز قرار ڏيندي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ 1818 ليگل ڪال سينٽر جي سروس جو باضابطه افتتاح

# شهري مفت قانوني رهنمائي لاءِ سپريم ڪورٽ جي ليگل ڪال سينٽر 1818 تي رابطو ڪن: چيف جسٽس آف پاڪستان

شهرين کي مفت قانوني رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ عدالت اچڻ يا مشاورتي خرچ برداشت ڪرڻ جي ضرورت ناهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

ڪال سينٽر ذريعي مشڪلاتن جو شڪار ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي قانوني مدد جي فراهمي ۾ به سهولت ملندي

ڪال سينٽر جي خدمتن جي شروعات ڀيرين ڪالر محمد سليم جي ڪال ذريعي ٿي، چيف جسٽس بار نمائندن سان مشاورتي ملاقات به ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته | شهرين کي مفت قانوني رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ عدالت اچڻ يا مشاورتي خرچ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جو اردلي محمد سليم ليگل ڪال سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي، چيف جسٽس يحيٰ آفريدي پڻ موجود آهي

## ايس ايم ايز، هائوسنگ ۽ زرعي شعبي ۾ بهتري سان روزگار کي هٿي ملندي: وزيراعظم

جي صدرن ۽ سي اي اوز جي وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، بئنڪن جي ڪارڪردگي جي واکاڻ

ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروباري ادارا پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا: وزيراعظم

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت هيستائين 426 ارب رپين جي ماليت جا قرض منظور ٿي چڪا آهن: بريفنگ دوران آگاهي

سيپٽمبر 2026ع جي پڇاڙي تائين زرعي قرضن جو ڪاٿو 1352 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي: لاڳاپيل عملدار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف هائوسنگ، ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي جي لاءِ بئنڪن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو | آهي ته ايس ايم ايز، هائوسنگ ۽ زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي ۾ بهتري سان | روزگار، سيڙپڪاري، پيداوار ۽ مجموعي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## ايس سي او ملڪي سربراهن واري ڪائونسل جي اجلاس لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ جي هدايت

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ شنگهائي تعاون تنظيم جي ملڪي سربراهي اجلاس جي انتظامن بابت اجلاس ٿيو

پاڪستان جون تياريون ملڪ جي روايتي مهمان نوازي ۽ شنگهائي تعاون تنظيم جي دائري ۾ تعاون جي عزم جي عڪاسي هجڻ گهرجن: نائب وزيراعظم

اجلاس ۾ طارق باجوه، دفاع واري سيڪريٽري، وفاقي پرڏيهي سيڪريٽري، سي ڊي اي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزارت جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار | شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ملڪي سربراهن واري ڪائونسل جي | سربراهي اجلاس جي لاءِ سمورا انتظام وقت
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب ايف سي اين جي ميزلين کي شيلڊ ڏيندي

## ڪراچي ۾ راندين جي واڌاري لاءِ اهم منصوبا شروع ڪيا ويا آهن: سعديه جاويد

پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڄ بلديه ٽائون ۾ نئين اسپورٽس ڪمپليڪس جو افتتاح ڪندو

راندين جون سهولتون فراهم ڪرڻ سان نوجوانن کي صحتمند سرگرمين جا بهتر موقعا ملندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته ڪراچي ۾ راندين جي واڌاري لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي | جي مختلف دورن ۾ اهم منصوبا شروع ڪيا ويا آهن جن جو مقصد نوجوانن کي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي برنس روڊ جي تاريخي سڃاڻپ، بحالي ۽ خوبصورتيءَ جو منصوبو تيار

روڊ کي پيادل هلندڙن لاءِ سازگار بڻائڻ، نئون ڀاڻ ۽ پروڊيوسرز واري کهڻن جي بهتريءَ جون تجويزون پيش

اجلاس ۾ ناميارو ماهر تعميرات ياسمين لاري پاران بحاليءَ جو ماڊل پيش ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ برنس روڊ ۽ ان سان ملحق علائقن جي | بحالي سينگار ۽ خوبصورتيءَ جي تجويز ڪيل منصوبي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

## حيدرآباد: ايس پي ايس سي ۾ بي ضابطگين خلاف شاگردن جو ڪراچيءَ ڏانهن لانگ مارچ شروع

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس کان پيادل مارچ جي شروعات، مختلف سياسي ۽ شاگرد تنظيمن جي شرڪت

ڊاڪٽر قادر مگسي سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻن پاران نوجوانن جي حقن ۽ شفاف ڀرتين جي حمايت

لانگ مارچ جي شهر شهر آجيان ڪرڻ ۽ شاگردن جي جدوجهد ۾ ڀرپور شرڪت جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽيءَ پاران | ميرٽ جي لتاڙ خلاف ايس پي ايس سي آفيس حيدرآباد کان ڪراچيءَ ڏانهن پيرن | پنڌ لانگ مارچ شروع، مارچ ۾ سنڌترقي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا بيضابطگين خلاف شاگرد ڪراچي ڏانهن لانگ مارچ جي شروعات ڪري رهيا آهن

## اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي ساراهه جوڳي آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

## صدر پاران اتر وزيرستان ۾ فتنہ الخوارج جي 7 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي واٽر ڪارپوريشن پاران مالي ۽ انتظامي سڌارا عالمي پاڻي ڪانگريس ۾ پيش

برطانيا جي شهر گلاسگو ۾ اداري جي مالي استحڪام، شفافيت ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ کي اجاگر ڪيو ويو

چيف فنانشل آفيسر محمد عمار علي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ۽ ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن پاران برطانيا جي شهر | گلاسگو ۾ انٽرنيشنل واٽر ايسوسيئيشن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ حضرت قطب عالم شاهه بخاريءَ ميلو شروع، سيڪيورٽي انتظام سخت

صوبائي وزير رياض شاهه شيرازيءَ مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو

زائرين جي سهولت، سيڪيورٽي، صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جا انتظام بهتر بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر جي صوبائي وزير | سيد رياض حسين شاهه شيرازيءَ گڏيل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## سامونڊي وسيلن ۽ مهاڻن جي مفادن جو تحفظ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: محمد علي ملڪاڻي

صوبائي وزير جي صدارت هيٺ فشريز ريگيوليٽري ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس منعقد ٿيو

منع ٿيل جارن جي استعمال سميت ماهيگيري جي شعبي سان لاڳاپيل مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير لائيو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

# سنڌ قانون ڪاتي جو نئون ڊجيٽل پورٽل متعارف، 1937ع کان قانون ۽ سرڪاري گزيٽ شامل

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ نئين سرڪاري ويب پورٽل جو افتتاح ڪيو

پورٽل ۾ جديد سرچ سسٽم، مصنوعي ذهانت ذريعي قانوني سهائتا ۽ ڪيو آر ڪوڊ سان تصديق جون سهولتون شامل

سنڌ حڪومت سان لاڳاپيل عدالتي ڪيسن جي اڳيرائي ۽ اپڊيٽس کي پورٽل ۾ شامل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو قانون ۽ پارلياماني معاملن واري صوبائي | وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ قانون کاتي جي نئين
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

## سنڌ ۾ ٻوڏن جي تباهي گهٽائڻ لاءِ هنگامي قدمن بدران مستقل ۽ جامع حڪمت عملي جوڙڻ جو فيصلو

سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٻوڏ جي خطرن بابت تحقيقي رپورٽ پيش، مستقبل جي بچاءَ وارن قدمن تي غور

2022ع جي ٻوڏن مان سبق سکندي حفاظتي ڍانچي، ابتدائي وارننگ ۽ هنگامي تيارين کي مضبوط ڪيو ويندو

پاڻي سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ عوام جي روزگار جو بنياد آهي، ٻوڏ جي خطرن کي گهٽائڻ ضروري آهي: جام خان شورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ جي هڪ | مقامي هوٽل ۾ سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهبليٽيشن پروجيڪٽ تحت سنڌوءَ جي | رائٽ بئنڪ (Right Bank) جي ٻوڏ جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

## ملير ۾ رڪشا اسٽينڊ جي پٽ ڪرڻ سبب ٻارڙي سميت 2 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير ۾ رڪشا
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

## مسيحي شاديءَ بابت قانون سازي کان اڳ مشاورت ڪئي وڃي: چرچ آف پاڪستان

سنڌ حڪومت کي مسيحي خاندانن جي حقن ۽ مذهبي آزاديءَ جو تحفظ ڪرڻ گهرجي

شاديءَ جي قانون بابت مذهبي اڳواڻن ۽ برادريءَ جي نمائندن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان پاڪستان ۾ سويڊن جي سفير اليگزينڊرا برگ وان لنڊي ملاقات ڪري رهي آهي

## ڪراچي مسيحي برادري جي ماڻهن پاران قبضا مافيا ۽ پوليس خلاف مظاهرو

سرجاني ٽائون جي رهواسين ياسر غزالہ شفيق، پادري اشرف ڊينيئل ۽ تيمور بهادر احتجاج ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب سامهون مسيحي برادري پاران سرجاني | ٽائون ۾ قبضه مافيا ۽ سرجاني ٿاڻي جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ويجهو انساني اسمگلنگ خلاف ڪارروائي، ٻن مبينا ايجنٽن سميت 18 ڄڻا سوگهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

## منشيات ڪيس ۾ ڇٽل شاهدن انمول عرف پنڪي جي سڃاڻپ ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منشيات جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 6 ڄڻا فوت

ماڙيپور ۾ تيز رفتار ٽرڪ هيٺان اچي ڊرائيور فوت، بيهوش نامعلوم شخص اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

سرجاني ٽائون ۾ ڪيٽرائي ڏينهن پراڻو لاش مليو ڪورنگيءَ ۾ حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظامن جو حڪم

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان جي صدارت هيٺ انتظامي معاملن بابت اجلاس منعقد ڪيو ويو

سيڪيورٽي، ٽريفڪ جي رواني ۽ شرڪت ڪندڙن کي سهولت ڏيڻ لاءِ جامع قدم کڻڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان آرٽس ڪائونسل آف | پاڪستان ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ 29
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

# ڪراچي انڊس اسپتال جي آئيڪون 2026 ڪانفرنس، صوبي ۾ جامع صحت پاليسي جوڙڻ جو مطالبو

صوبائي پاليسي صحت، ماحوليات، زراعت ۽ بلدياتي منصوبابنديءَ ۾ موسمياتي تحفظ شامل ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچيءَ ۾ وڌندڙ آبادي، گدلاڻ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ صحت لاءِ چئلينج قرار گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ جي گهر

اڳواڻن پاران سرڪاري ۽ خانگي شعبي، يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ ۾ انڊس اسپتال جي اهتمام هيٺ ٽن ڏينهن واري | ائين بينيئل ڪانفرنس آئيڪون 2026 منعقد ڪئي وئي، جنهن جي ٻئي ڏينهن | "موسمياتي تبديلي شهري مسئلا ۽ سنڌ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي لا ڪاليج طرفان شاگردن کي عدالتي سسٽم جي تربيت ڏيڻ لاءِ تربيتي عدالت هلائي پئي وڃي

## پي آءِ اي پاران رياض لاءِ فضائي آپريشن عارضي طور معطل

اسلام آباد (اي پي پي) قومي فضائي ڪمپني (پي آءِ اي) وچ اوڀر جي صورتحال
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

## سپريم ڪورٽ بار جي چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن اميدوارن جي عارضي فهرست لڳائي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ بار ايسو سي ايشن جي چونڊ لاءِ اليڪشن ڪميشن اميدوارن جي عبوري فهرست
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

# اتر وزيرستان ۾ آپريشن، فتنہ الخوارج جا 7 دهشتگرد مارجي ويا، ڪيترائي ٺڪاڻا تباهه

فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق ٿيل اطلاع تي اتر وزيرستان جي علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي

ڪارروائي دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ بارود هٿ ڪيو ويو

ملڪ مان دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون بنا رنڊڪ جي جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ ڳجهي معلومات تي ٻڌل ڪارروائي دوران فتنہ الخوارج جي 7 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن موجب فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق ٿيل اطلاع تي اتر | وزيرستان جي علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ شديد فائرنگ جي ٿي | وٽ ڪانيو 7 خوارج مارجي ويا. ڪارروائي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ورلڊ ڪلچر فيسٽيول لاءِ تيارين جي سلسلي ۾ محمد احمد شاهه ڪراچي پوليس چيف کي تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا وچ ۾ ڪرڪيٽ مئچ جي موقعي تي رانديگر ترانن جي احترام ۾ بيٺل آهن

# وزيراعظم پاران سعودي عرب تي حملن جي سخت مذمت، حوثي حملا فوري طور بند ڪن: وزيراعظم

معصوم جانين جي تحفظ ۽ مُلڪ جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ انهن جي مسلسل ڪوشش کي به خراج تحسين پيش

مڪه گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي لاءِ پاڪستان جو پختو عزم آهي

حوثي مليشيا کي اهي حملا فوري طور تي بند ڪرڻ گهرجن، اسان انهن خطرن جي مقابلي لاءِ سعودي عرب سان ڪلهي ڪلهي سان ملائي بيٺل رهنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي خلاف | حوثي مليشيا جي دهشتگرد حملن جي سخت مذمت ڪندي سعودي قيادت ۽ | عوام سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

# گهوٽڪي: ايم فائيو موٽروي تي ڪار ڪلٽي، ڊرائيور فوت، 3 ڄڻا زخمي

ڊرنگ چاچڙ وٽ ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روڊ کان هيٺ ڪري پئي

ميرپورخاص واسي ڊرائيور جميل الرحمان فوت، ڪراچي واسي 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ريسڪيو عملي فوتي ۽ زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو، ڪار سوار آزاد ڪشمير وڃي رهيا هئا

گهوٽڪي (ن ع) ايم فائيو موٽروي تي ڊرنگ چاچڙ وٽ ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول | مان نڪري روڊ کان هيٺ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ميرپورخاص واسي ڊرائيور | جميل الرحمان فوت ٿي ويو جڏهن ته
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنچر 10 آڪٽوبر 2026ع 27 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (56)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

# پاڪ فوج سعودي ۾ رڳو دفاعي مقصدن لاءِ موجود آهي، يمن تي حملن جون خبرون بي بنياد آهن: پاڪستان

مڪي دفاعي معاهدي جي اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو، پاڪستان جي پرڏيهي وزير، دفاع واري وزير ۽ فيلڊ مارشل شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ دفاع لاءِ عملي قدم کڻڻ جو فيصلو

سعودي عرب پاڪستان جو اسٽريٽجڪ پائيدار آهي، مڪي دفاعي معاهدي بابت وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم مڪمل صلاح مشورا ڪيا، سياسي قيادت کي به سڄي عمل ۾ شامل رکيو

ترڪي طرفان زميني فوج موڪلڻ جو فيصلو ان جو پنهنجو معاملو آهي، ترڪي مڪي دفاعي معاهدي جو حصو آهي ۽ دفاع جي ذميواري سڀني ميمبر ملڪن تي لاڳو ٿئي ٿي

پاڪستان پنهنجا فيصلا قانون ۽ پنهنجي ضابطن موجب ڪري ٿو، سمورا معاملا صلاح مشوري سان طئي ڪيا ويا آهن، گڏيل دفاعي معاهدي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو سموري حڪومت جو هو: ترجمان

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي | ڪاٿي چيو آهي ته پاڪستاني فوج سعودي | عرب ۾ رڳو دفاعي مقصدن لاءِ موجود آهي | جڏهن ته يمن تي پاڪ فضائيه جي ڪارروائي يا ڪنهن به حملي جون خبرون | بي بنياد آهن. هفتيوار بريفنگ دوران
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ننڍين ۽ وچولن ڪاروبار کي بنا وياج قرض ڏيڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

## وزيراعليٰ ڪي پي ڪي رڳو لانگ مارچ ۾ مصروف آهي: دانيال چوڌري

صوبائي حڪومت جون ترجيحون عوام جي تحفظ بدران سياسي سرگرمين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون

فتنه الخوارج جي دهشتگرد ڪاروائين خلاف صوبائي حڪومت پاران واضح موقف چو سامهون نه ٿي اچي

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

## پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن ٻاڙائي، انڊيڪس هڪ لک 67 هزار 89 پوائنٽس تي بند

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ قانوني ايٽم بم جي برابر آهي گورنر راڄ آخري آپشن هوندو پي ٽي آءِ انتهاپسنديءَ ڇڏي ڏئي: پ پ چيئرپرسن

# جتي عوام نٿو چاهي صوبا نٿا ٺهي سگهن، محسن نقوي ۽ مصطفيٰ ڪمال سنڌ جي ضلعن ۾ رهي ڏسن ته ماڻهو ڇا ٿا چاهين: بلاول

ڪي پي صوبائي حڪومت عوامي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ بدران انتهاپسندي ۽ نفرت جي سياست ڪري رهي آهي، جنهن جو نقصان صوبي، عوام ۽ ملڪ کي پهچي رهيو آهي

هنتو اڳ وفاقي حڪومت ۽ سمورو نظام ڪي پي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار هو، پر پيپلز پارٽيءَ جو موقف هو ته اهڙن غيرمعمولي آئيني اختيارن جو استعمال آخري قدم طور ٿيڻ گهرجي

صوبي ۾ پي ٽي آءِ وٽ عوامي حمايت موجود آهي، پر پنهنجي سياسي حڪمت عملي ۽ انتهاپسند روش سبب پارٽي پنهنجن ئي حامين کي مايوس ڪري رهي آهي

ڪراچي جي نوجوانن کي مبارڪباد ڏيان ٿو جن لاءِ اسپورٽس ڪمپليڪس تعمير ڪيو ويو آهي، اسان چاهيون ٿا ته نوجوانن کي مثبت سرگرمين جا موقعا ملن ۽ هو ملڪ جو نالو روشن ڪن

اسان پنهنجي نوجوانن کي ڪڏهن به ڏوهن ۾ ملوث ڏسڻ نٿا چاهيون پيپلز پارٽي مثبت سياست ڪرڻ چاهي ٿي، پر ڪجهه قوتون شهر جي نوجوانن کي ڏوهن ڏانهن ڌڪي رهيون آهن

ملڪ کي سياسي استحڪام جي ضرورت آهي دهشتگرديءَ جي روڪٿام لاءِ صوبائي حڪومتن جو سهڪار ضروري آهي: ڪراچي ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري | چيو آهي ته خيبرپختونخوا جون حالتون
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري اسپورٽس ڪامپليڪس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## سرڪاري ملازمن کي فوري ۽ سستو انصاف فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي: وزير اطلاعات

آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ ميرٽ تي ٻڌل فيصلن لاءِ سمورين صلاحيتن استعمال ۾ آڻينديون

وفاقي وزير راڻا اسد الله جي فيڊرل سروس ٽربيونل جي چيئرمين جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ | چيو آهي ته سرڪاري ملازمن کي فوري ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

## نواز شريف سان گورنر سنڌ جي ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

لاهور (اي پي پي) پاڪستان مسلم ليگ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

## لانگ مارچ "لڪي ايراني سرڪس" بڻجي ويو آهي: گورنر فيصل ڪريم

صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو وفاقي حڪومت کي ڪرڻو آهي

وفاقي حڪومت مون کان رپورٽ طلب ڪئي ته موجوده صورتحال بابت راءِ پيش ڪندس

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبر پختونخوا
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

## صدر آصف زرداري پاران ذهني صحت لازمي جز قرار

ترقيون ذهني صحت جي آگاهي لاءِ عملي قدم کڻن: صدر مملڪت

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ذهني صحت کي صحت، انساني | وقار ۽ قومي ترقي جو لازمي جز قرار ڏيندي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ 1818 ليگل ڪال سينٽر جي سروس جو باضابطه افتتاح

# شهري مفت قانوني رهنمائي لاءِ سپريم ڪورٽ جي ليگل ڪال سينٽر 1818 تي رابطو ڪن: چيف جسٽس آف پاڪستان

شهرين کي مفت قانوني رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ عدالت اچڻ يا مشاورتي خرچ برداشت ڪرڻ جي ضرورت ناهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

ڪال سينٽر ذريعي مشڪلاتن جو شڪار ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي قانوني مدد جي فراهمي ۾ به سهولت ملندي

ڪال سينٽر جي خدمتن جي شروعات ڀهرين ڪالر محمد سليم جي ڪال ذريعي ٿي، چيف جسٽس بار نمائندن سان مشاورتي ملاقات به ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته | شهرين کي مفت قانوني رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ عدالت اچڻ يا مشاورتي خرچ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جو اردلي محمد سليم ليگل ڪال سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي، چيف جسٽس يحيٰ آفريدي پڻ موجود آهي

# مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ بنيادن تي ٻارڻ ۾ رليف ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون: نائب وزيراعظم

فيول سبسڊي اسڪيم بابت قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي ۽ فيول سبسڊي اسڪيم بابت ميڊيا مئنيجمينٽ ڪميٽي جو گڏيل اجلاس به ٿيو، ڪلي ويندڙ

معاشري جي مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ بنيادن تي ٻارڻ ۾ رليف فراهم ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي ته جيئن عام شهرين کي ان کان رليف ڏئي سگهجي

اسڪيم تي عملدرآمد کي بهتر انداز ۾ يقيني بڻايو وڃي، وسيلن جي موثر ورهاست ڪئي وڃي ۽ عوامي آگاهي جي لاءِ هڪ جامع مهم هلائي وڃي: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار لاڳاپيل عملدارن کي بين الصوبائي ۽ بين الوزارتي رابطن کي موثر بڻائڻ فيول سبسڊي اسڪيم تي عملدرآمد کي بهتر انداز ۾ يقيني بڻائڻ وسيلن جي موثر ورهاست ۽ عوامي آگاهي جي لاءِ هڪ جامع مهم | هلائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته حڪومت وزيراعظم جي هدايتن موجب | معاشري جي مستحق طبقن کي ٽارگيٽيڊ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

## نائب وزير سان هالينڊ جي ڪاروباري وفد جي ملاقات، ٻطرفي واپار تي ڳالهيون

مسلسل پاليسين ۽ نجي سرمائي کي وڌ کان وڌ متحرڪ ڪرڻ ضروري آهي: نائب وزير

ٻنهي ڪاروباري رابطن کي سهڪاري، واپار ۽ ڏکڻ ملن واري اقتصادي ڀائيوارين ۾ تبديل ڪرڻ جو عزم ورجايو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب | چيو آهي ته پاڪستان ۽ هالينڊ جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار آرچ بشپ پال رچرڊ جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

## پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ اٽڪ پل کان اڳيان نه وڌي سگهندو: جماعت اسلامي

خيبر پختونخواه بدامني، سياسي عدم استحڪام ۽ معاشي بحران جو شڪار آهي

عوام پي ٽي آءِ کي لانگ مارچ لاءِ ووٽ نه ڏنو 50 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن

مالاڪنڊ (اي پي پي) جماعت اسلامي جي امير ۽ اڳوڻي صوبائي وزير عنايت الله خان | چيو آهي ته خيبر پختونخواه بدامني
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

# نوجوان سرڪاري نوڪرين تي ڀاڙڻ بدران مهارت حاصل ڪري روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪن: شرجيل ميمڻ

دائود يونيورسٽيءَ جي اقبال ڪيمپس ۾ شاگردن جي رهائش لاءِ ڊورم ۽ اسپورٽس ڪمپليڪس جو افتتاح ڪيو ويو

سنڌ حڪومت هلندڙ سال 1,100 نوان اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي: صوبائي وزير

اسان جو مقصد شاگردن کي معياري تعليم، جديد سهولتون ۽ تحقيق جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس | ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ | ٽيڪنالاجي جي اقبال ڪيمپس ۾ ڊورم
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ دائود يونيورسٽي ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## وزيراعظم پاران خيبر پختونخوا ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

## عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچو تيل سستو ٿي ويو، سون، چاندي ۽ زرعي جنسون مهانگيون ٿي ويون

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ جمعي ڏينهن ڪاروباري هفتي جي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

# ايس ايم ايز، هائوسنگ ۽ زرعي شعبي ۾ بهتري سان روزگار کي هٿي ملندي: وزيراعظم

جي صدرن ۽ سي اي اوز جي وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، بئنڪن جي ڪارڪردگي جي واکاڻ

ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروباري ادارا پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا: وزيراعظم

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت هيستائين 426 ارب روپين جي ماليت جا قرض منظور ٿي چڪا آهن: بريفنگ دوران آگاهي

سيپٽمبر 2026ع جي پڇاڙي تائين زرعي قرضن جو ڪاٿو 1352 ارب روپين تائين پهچي چڪو آهي: لاڳاپيل عملدار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف هائوسنگ، ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي جي لاءِ بئنڪن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو | آهي ته ايس ايم اي هائوسنگ ۽ زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي ۾ بهتري سان | روزگار، سيڙپڪاري، پيداوار ۽ مجموعي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

# ايس سي او ملڪي سربراهن واري ڪائونسل جي اجلاس لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ جي هدايت

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ شنگهائي تعاون تنظيم جي ملڪي سربراهي اجلاس جي انتظامن بابت اجلاس ٿيو

پاڪستان جون تياريون ملڪ جي روايتي مهمان نوازي ۽ شنگهائي تعاون تنظيم جي دائري ۾ تعاون جي عزم جي عڪاسي ڪن گهرجن: نائب وزيراعظم

اجلاس ۾ طارق باجوه، دفاع واري سيڪريٽري، وڏي پرڏيهي سيڪريٽري، سي ڊي اي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزارت جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار | شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ملڪي سربراهن واري ڪائونسل جي | سربراهي اجلاس جي لاءِ سمورا انتظام وقت
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

# حيدرآباد: ايس پي ايس سي ۾ بي ضابطگين خلاف شاگردن جو ڪراچيءَ ڏانهن لانگ مارچ شروع

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس کان پيادل مارچ جي شروعات، مختلف سياسي ۽ شاگرد تنظيمن جي شرڪت

ڊاڪٽر قادر مگسي سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻن پاران نوجوانن جي حقن ۽ شفاف پرتين جي حمايت

لانگ مارچ جي شهر شهر آجيان ڪرڻ ۽ شاگردن جي جدوجهد ۾ ڀرپور شرڪت جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽيءَ پاران | ميرٽ جي لتاڙ خلاف ايس پي ايس سي آفيس حيدرآباد کان ڪراچيءَ ڏانهن پيرين | پنڌ لانگ مارچ شروع، مارچ ۾ سنڌترقي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا بيضابطگين خلاف شاگرد ڪراچي ڏانهن لانگ مارچ جي شروعات ڪري رهيا آهن

## اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي ساراهه جوڳي آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

## صدر پاران اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج جي 7 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي واٽر ڪارپوريشن پاران مالي ۽ انتظامي سڌارا عالمي پاڻي ڪانگريس ۾ پيش

برطانيا جي شهر گلاسگو ۾ اداري جي مالي استحڪام، شفافيت ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ کي اجاگر ڪيو ويو

چيف آپريٽنگ آفيسر محمد عمار علي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ۽ ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن پاران برطانيا جي شهر | گلاسگو ۾ انٽرنيشنل واٽر ايسوسيئيشن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ حضرت قطب عالم شاهه بخاريءَ ميلو شروع، سڪيورٽي انتظام سخت

صوبائي وزير رياض شاهه شيرازيءَ مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو

زائرين جي سهولت، سيڪيورٽي، صفائي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جا انتظام بهتر بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر جي صوبائي وزير | سيد رياض حسين شاهه شيرازيءَ گڏريل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## ساموندي وسيلن ۽ مهاڻن جي مفادن جو تحفظ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: محمد علي ملڪاڻي

صوبائي وزير جي صدارت هيٺ فشريز ريگيوليٽري ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس منعقد ٿيو

منع ٿيل جارن جي استعمال سميت ماهيگيري جي شعبي سان لاڳاپيل مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير لائيو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب ايف سي اين جي ميرلين کي شيلڊ ڏيندي

## ڪراچي ۾ رانديگرن جي واڌاري لاءِ اهم منصوبا شروع ڪيا ويا آهن: سعديه جاويد

پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڄ بلديه ٽائون ۾ نئين اسپورٽس ڪمپليڪس جو افتتاح ڪندو

رانديگرن جون سهولتون فراهم ڪرڻ سان نوجوانن کي صحتمند سرگرمين جا بهتر موقعا ملندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته ڪراچي ۾ رانديگرن جي واڌاري لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي | جي مختلف دورن ۾ اهم منصوبا شروع ڪيا ويا آهن جن جو مقصد نوجوانن کي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي برنس روڊ جي تاريخي سڃاڻپ، بحالي ۽ خوبصورتيءَ جو منصوبو تيار

روڊ کي پيادل هلندڙن لاءِ سازگار بڻائڻ، فٽ پاٿن ۽ پرڀاسي وارين گهٽين جي بهتري جون تجويزون پيش

اجلاس ۾ ناميارو ماهر تعميرات ياسمين لاري پاران بحاليءَ جو ماڊل پيش ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ برنس روڊ ۽ ان سان ملحقه علائقن جي | بحالي سينگار ۽ خوبصورتيءَ جي تجويز ڪيل منصوبي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

# سنڌ قانون ڪاتي جو نئون ڊجيٽل پورٽل متعارف، 1937ع کان قانون ۽ سرڪاري گزيٽ شامل

ڳهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ نئين سرڪاري ويب پورٽل جو افتتاح ڪيو

پورٽل ۾ جديد سرچ سسٽم، مصنوعي ذهانت ذريعي قانوني سهائتا ۽ ڪيو آر ڪوڊ سان تصديق جون سهولتون شامل

سنڌ حڪومت سان لاڳاپيل عدالتي ڪيسن جي اڳيرائي ۽ اپڊيٽس کي پورٽل ۾ شامل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڳهرو قانون ۽ پارلياماني معاملن واري صوبائي | وزير ضياءُ الحسن لنجار سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ قانون کاتي جي نئين
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

# سنڌ ۾ ٻوڏن جي تباهي گهٽائڻ لاءِ هنگامي قدمن بدران مستقل ۽ جامع حڪمت عملي جوڙڻ جو فيصلو

سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٻوڏ جي خطرن بابت تحقيقي رپورٽ پيش، مستقبل جي بچاءَ وارن قدمن تي غور

2022ع جي ٻوڏن مان سبق سکندي حفاظتي ڍانچي، ابتدائي وارننگ ۽ هنگامي تيارين کي مضبوط ڪيو ويندو

پاڻي سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ عوام جي روزگار جي بنياد آهي، ٻوڏ جي خطرن کي گهٽائڻ ضروري آهي: جام خان شورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ جي هڪ مقامي هوٽل ۾ سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ تحت سنڌوءَ جي | رائٽ بئنڪ (Right Bank) جي ٻوڏ جي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

## ملير ۾ رڪشا اسٽينڊ جي ڇت ڪرڻ سبب ٻارڙي سميت 2 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير ۾ رڪشا
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

## مسيحي شاديءَ بابت قانون سازي کان اڳ مشاورت ڪئي وڃي: چرچ آف پاڪستان

سنڌ حڪومت کي مسيحي خاندانن جي حقن ۽ مذهبي آزاديءَ جو تحفظ ڪرڻ گهرجي

شاديءَ جي قانون بابت مذهبي اڳواڻن ۽ برادريءَ جي نمائندن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان پاڪستان ۾ سوئيڊن جي سفير اليگزينڊرا برگ وان لنڊي ملاقات ڪري رهي آهي

## ڪراچي ويجهو انساني اسمگلنگ خلاف ڪارروائي، ٻن مبينا ايجنٽن سميت 18 ڄڻا سوگهــا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 6 ڄڻا فوت

ماڙيپور ۾ تيز رفتار ٽرڪ هيٺان اچي ڊرائيور فوت، بيهوش نامعلوم شخص اسپتال ۾ دم ڌڪي ڇڏيو

سرجاني ٽائون ۾ ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش مليو ڪورنگيءَ ۾ حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي مسيحي برادري جي ماڻهن پاران قبضا مافيا ۽ پوليس خلاف مظاهرو

سرجاني ٽائون جي رهواسين ياسمين غزالا، شفيق، پادري اشرف ڊينيئل ۽ ٻين پاران احتجاج ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب سامهون مسيحي برادري پاران سرجاني | ٽائون ۾ قبضه مافيا ۽ سرجاني ٿاڻي جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

## منشيات ڪيس ۾ چٽن شاهدن انمول عرف پنڪي جي سڃاڻپ ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منشيات جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظامن جو حڪم

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان جي صدارت هيٺ انتظامي معاملن بابت اجلاس منعقد ڪيو ويو

سيڪيورٽي، ٽريفڪ جي رواني ۽ شرڪت ڪندڙن کي سهولت ڏيڻ لاءِ جامع قدم کڻڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان آرٽس ڪائونسل آف | پاڪستان ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ 29
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

# ڪراچي انڊس اسپتال جي آئيڪون 2026 ڪانفرنس، صوبي ۾ جامع صحت پاليسي جوڙڻ جو مطالبو

صوبائي پاليسي صحت، ماحوليات، زراعت ۽ بلدياتي منصوبابنديءَ ۾ موسمياتي تحفظ شامل ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچيءَ ۾ وڌندڙ آبادي، گدلاڻ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ صحت لاءِ چئلينج قرار گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ جي گهر

اڳواڻن پاران سرڪاري ۽ خانگي شعبي، يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ ۾ انڊس اسپتال جي اهتمام هيٺ ٽن ڏينهن واري | انڊس بينيئل ڪانفرنس آئيڪون 2026 منعقد ڪئي وئي جنهن جي ٻئي ڏينهن | "موسمياتي تبديلي شهري مسئلا ۽ سنڌ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي لا ڪاليج طرفان شاگردن کي عدالتي سسٽم جي تربيت ڏيڻ لاءِ تربيتي عدالت هلائي پئي وڃي

## پي آءِ اي پاران رياض لاءِ فضائي آپريشن عارضي طور معطل

اسلام آباد (اي پي پي) قومي فضائي ڪمپني (پي آءِ اي) وچ اوڀر جي صورتحال
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

## سپريم ڪورٽ بار جي چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن اميدوارن جي عارضي فهرست لڳائي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ بار ايسو سي ايشن جي چونڊ لاءِ اليڪشن ڪميشن اميدوارن جي عبوري فهرست
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

# اتر وزيرستان ۾ آپريشن، فتنه الخوارج جا 7 دهشتگرد مارجي ويا، ڪيترائي ٺڪاڻا تباهه

فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق ٿيل اطلاع تي اتر وزيرستان جي علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي

ڪارروائي دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ بارود هٿ ڪيو ويو

ملڪ مان دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون بنا رنڊڪ جي جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ ڪجهه معلومات تي ٻڌل ڪارروائي دوران فتنه الخوارج جي 7 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن موجب فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق ٿيل اطلاع تي اتر | وزيرستان جي علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ شديد فائرنگ جي ڏي | وٺ ڪانيو 7 خوارجي مارجي ويا. ڪارروائي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا وچ ۾ ڪرڪيٽ ميچ جي موقعي تي رانديگر ترانن جي احترام ۾ بيٺل آهن

ڪراچي: ورلڊ ڪلچر فيسٽيول لاءِ تيارين جي سلسلي ۾ محمد احمد شاهه ڪراچي پوليس چيف کي تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

# وزيراعظم پاران سعودي عرب تي حملن جي سخت مذمت، حوثي حملا فوري طور بند ڪن: وزيراعظم

معصوم جانين جي تحفظ ۽ مُلڪ جي سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ انهن جي مسلسل ڪوشش کي به خراج تحسين پيش

مڪ گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي لاءِ پاڪستان جو پختو عزم آهي

حوثي مليشيا کي اهي حملا فوري طور تي بند ڪرڻ گهرجن، اسان انهن خطرن جي مقابلي لاءِ سعودي عرب سان ڪلهي ڪلهي سان ملائي بيٺل رهنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي خلاف | حوثي مليشيا جي دهشتگرد حملن جي سخت مذمت ڪندي سعودي قيادت ۽ | عوام سان پختي يڪجهتي جو اظهار ڪيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

# گهوٽڪي: ايم فائيو موٽروي تي ڪار ڪلٽي، ڊرائيور فوت، 3 ڄڻا زخمي

ڊرنگ ڇاڇڙ وٽ ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روڊ کان هيٺ ڪري پئي

ميرپورخاص واسي ڊرائيور جميل الرحمان فوت، ڪراچي واسي 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ريسڪيو عملي فوتي ۽ زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو، ڪار سوار آزاد ڪشمير وڃي رهيا هئا

گهوٽڪي (ن ع) ايم فائيو موٽروي تي ڊرنگ ڇاڇڙ وٽ ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول | مان نڪري روڊ کان هيٺ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ميرپورخاص واسي ڊرائيور | جميل الرحمان فوت ٿي ويو جڏهن ته
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي جي وڌندڙ واقعن ۽ پوليس اهلڪارن جي شهادتن جي باوجود صوبائي حڪومت جون ترجيحون عوام جي تحفظ بدران سياسي سرگرميون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس اهلڪارن جي قربانين کي رائيگان وڃڻ نه ڏنو ويندو. راولپنڊي پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته خيبرپختونخواهه جي صورتحال سڀني جي سامهون آهي، جتي دهشتگردي جي واقعن ۾ سيڪيورٽي اهلڪارن کي نشانو بڻايو پيو وڃي جڏهن ته وڏو وزير صوبي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ بدران لانگ مارچ ۽ سياسي سرگرمين ۾ مصروف آهي. هن چيو ته 5 تاريخ تي چار ڪسٽمز اهلڪار ۽ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿيو جڏهن ته ايس ايڇ او دائود پڻ ڊيوٽي دوران شهادت ماڻي. انهن واقعن کانپوءِ صوبائي حڪومت پاران جنهن سنجيدگي ۽ احساس ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ها اهو ڏسڻ ۾ نه آيو. شهيدن جا ٻار سوال ڪري رهيا آهن ته انهن جي والد پاڪستان جي تحفظ جي لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏني پر صوبي جي وڏي وزير انهن جي گهروارن جو ڏک ونڊڻ جي لاءِ ڇو نه پهتو. شهيدن جي قربانين جي گهرج آهي ته انهن جي خاندانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو وڃي ۽ دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ جانيون قربان ڪندڙن کي قومي سطح تي خراج عقيدت پيش ڪيو وڃي. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته خيبرپختونخواهه اڳ ۾ ئي دهشتگردي جي لپيٽ ۾ آهي اهڙين حالتن ۾ صوبائي حڪومت جي بنيادي ذميواري عوام ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن جو تحفظ يقيني بڻائڻ آهي. هن سوال ڪيو ته گذريل 15 سالن دوران صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ ڪهڙي موثر حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي جامع پاليسي تحت ڪهڙا عملي قدم کنيا ويا؟ هن چيو ته گذريل رات به هيڊ محرر سميت ڇهن ماڻهن کي کڻي وڃڻ جا اطلاع سامهون آيا جڏهن ته پوليس اهلڪارن کي مسلسل نشانو بڻايو پيو وڃي. هن سوال اٿاريو ته فتنه الخوارج جي دهشتگرد ڪارروائين جي خلاف صوبائي حڪومت پاران واضح موقف ڇو سامهون نه ٿو اچي؟ دهشتگردن کي دهشتگرد قرار ڏيڻ ۽ انهن جي خلاف موثر ڪارروائي ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ ڪهڙي ڳالهه جو انتظار ڪيو پيو وڃي؟ هن چيو ته افغانستان مان ايندڙ دهشتگردن جي هٿان پاڪستاني شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جون شهادتون هڪ سنگين قومي مسئلو آهي ان جي لاءِ دهشتگردي جي خلاف موثر حڪمت عملي، سرحدي سلامتي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ بهتر رابطو لازمي آهي. پوليس اهلڪارن کي جديد هٿيار، حفاظتي ساز و سامان ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن اهي دهشتگردن جو موثر مقابلو ڪري سگهن. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته قومي ايڪشن پلان دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ هڪ اهم قومي حڪمت عملي آهي جنهن تي موثر عملدرآمد يقيني بڻائڻ گهرجي. هن صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي پاليسي ۽ اعليٰ سطحي اجلاسن جي افاديت تي پڻ سوال اٿاريندي چيو ته رڳو اجلاسن ۾ شرڪت ڪافي نه آهي پر انهن ۾ ڪيل فيصلن جا عملي نتيجا عوام کي نظر اچڻ گهرجن. هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال تي سمورين سياسي پارٽين کي سنجيدگي سان غور ڪرڻو پوندو.

بقايا 2 روزاني عبرت

سڀني جي سامهون آهن پر صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ قانوني ايٽم بم جي برابر آهي جنهن کي رڳو آخري آپشن طور استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪراچيءَ ۾ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلديه ٽائون ۾ 25 ايڪڙن تي قائم اسپورٽس ڪمپليڪس جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي هن هولو پڻ لڳايو. تقريب ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير سعيد غني وقار مهدي ۽ ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب پڻ موجود هئا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي جي نوجوانن کي مبارڪون ڏيان ٿو جن لاءِ اسپورٽس ڪمپليڪس تعمير ڪيو ويو آهي. اسان چاهيون ٿا ته نوجوانن کي مثبت سرگرمين جا موقعا ملن هو راندين ۾ حصو وٺن ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن پيپلز پارٽي هن شهر ۾ منفي سياست بدران مثبت سياست ڪرڻ چاهي ٿي، جڏهن ته ڪجهه سياسي قوتون شهر جي نوجوانن کي ڏوهن ڏانهن ڌڪڻ چاهين ٿيون اسان پنهنجي نوجوانن کي ڪڏهن به ڏوهن ۾ ملوث ڏسڻ نٿا چاهيون بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي ۾ ترقياتي منصوبن جو افتتاح عوام جي خدمت واري سياست جو حصو آهي ان کان اڳ ٽي پي ون پاڻي منصوبي جو افتتاح ڪيو ويو جڏهن ته ٿرپارڪر ۾ ٿر ڪول بلاڪ ٻه جي ٽئين حصي جو افتتاح پڻ ڪيو ويو هن چيو ته بلدياتي نظام ذريعي ڪراچي جي نوجوانن لاءِ اسپورٽس ڪمپليڪس قائم ڪرڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي شهر ۾ نفرت ۽ ورهاڱي بدران اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي سياست تي يقين رکي ٿي ماضي ۾ هن شهر جي ماڻهن لاش کنيا، ڀاءُ کي ڀاءُ سان ويڙهايو ويو پر پيپلز پارٽي جي مسلسل محنت سان ڪراچي ۾ امن قائم ٿيو هن چيو ته شهر جي مستقبل جو فيصلو هتان جا رهواسي پاڻ ڪندا. خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ بابت ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته گورنر راڄ آئيني ۽ قانوني اختيار آهي پر ان کي آخري آپشن طور استعمال ڪرڻ گهرجي سياسي مسئلن جو حل ڳالهين ۽ جمهوري طريقي سان ڪڍڻ گهرجي هن چيو ته هڪ هفتو اڳ خيبرپختونخوا ۾ هنگامي صورتحال پيدا ٿي هئي سياسي معاهدي ۽ ڳالهين جا امڪان موجود هئا، پر صوبي جي وڏي وزير ڳالهين بدران منفي سياست تي زور ڏنو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف کي انتهاپسندي واري سياست ڇڏڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته ان جو سڀ کان وڏو نقصان به پي ٽي آءِ کي ئي ٿيو آهي جيڪڏهن پارٽي پنهنجي ڪارڪنن کي مايوس ٿيڻ کان بچائڻ چاهي ٿي ته کيس انتهاپسندي بدران جمهوري ۽ پارلياماني سياست اختيار ڪرڻي پوندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پي ٽي آءِ وارا چونڊن ۾ ڌانڌليءَ بابت سڀ کان وڌيڪ آواز اٿارين ٿا، پر جوڊيشل ڪميشن ۽ چونڊ سڌارن واري عمل ۾ حصو وٺڻ کان پاسو ڪن ٿا. جيڪڏهن اهي چونڊ سڌارن واري ڪميٽيءَ جو حصو نه بڻجندا ته ايندڙ چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪيئن روڪي سگهبي؟ هن چيو ته چونڊ سڌارن لاءِ ڪميٽي جوڙي ويندي، جنهن ۾ سياسي جماعتن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي ڏرٽي واري سياست سبب ڪارڪن مايوس ٿي رهيا آهن جيڪڏهن پي ٽي آءِ انتهاپسندي واري سياست جاري رکي ته ان لاءِ سياسي مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو. هن چيو ته جيڪي ماڻهو اڄ جيل ۾ آهن ضروري ناهي ته سڀاڻي به جيل ۾ هجن صدر آصف علي زرداري 14 سال جيل ۾ گذاريا، تنهن ڪري پي ٽي آءِ کي انتهاپسنديءَ کان پاسو ڪري جمهوري جدوجهد جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي سياسي مينڊيٽ ۽ ڪارڪنن جي نمائندگي ڪندي رهندي. اسان جو مقصد شهر جي عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ نوجوانن کي بهتر مستقبل فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي کان سواءِ ڪجهه سياسي جماعتن هن شهر ۾ نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست ڪئي جنهن سبب شهر جي ماڻهن کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو. هن چيو ته انتظامي يونٽن بابت فيصلو عوام جي خواهش ۽ اتفاق راءِ سان ٿيڻ گهرجي. گلگت بلتستان ۾ صوبي جي قيام بابت بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيڪڏهن اتي جا ماڻهو صوبو ڏاهڻ چاهين ٿا ته اهو سندن حق آهي ۽ پيپلز پارٽي سندن حمايت ڪري ٿي هن چيو ته جتي عوام جي راءِ صوبي جي قيام جي حق ۾ هجي، اتي عوام جي خواهش جو احترام ڪرڻ ضروري آهي هن مصطفيٰ ڪمال، محسن نقوي ۽ واپاري برادري کي دعوت ڏني ته اهي مختلف علائقن ۾ وڃي عوام کان پڇن ته ڇا هو نئون صوبو چاهين ٿا يا نه. هن چيو ته لاڙڪاڻي کان ڪراچي تائين بلدياتي نظام عوام جي خدمت لاءِ آهي ۽ انتظامي معاملن ۾ عوام جي راءِ کي بنيادي اهميت ملڻ گهرجي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ کي سياسي استحڪام جي ضرورت آهي ته جيئن دهشتگرديءَ کي منهن ڏئي سگهجي. هن چيو ته هر ٻئي ڏينهن دهشتگرديءَ جو وڏو واقعو پيش اچي رهيو آهي تنهن ڪري دهشتگرديءَ جي روڪٿام لاءِ صوبائي حڪومتن جو سهڪار ضروري آهي جيڪڏهن صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف ڪوششن ۾ ساٿ نه ڏيندي ته هنگامي قدمن کان پاسو ڪرڻ بابت سوال پيدا ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم شهباز شريف عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿو پر روس ۽ يوڪرين جي جنگ سبب عالمي حالتون سازگار نه رهيون آهن غربت ۾ واڌ بابت عالمي بئنڪ به خطي تي پاڪستان جي معاشي بار جو ذڪر ڪيو آهي ملڪ کي معاشي بهتري، سياسي استحڪام ۽ دهشتگرديءَ خلاف گڏيل حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هميشه غريب دوست منصوبن جي حمايت ڪئي آهي ۽ ان ئي سوچ تحت سٽي ڪائونسل ۽ لاڳاپيل وزيرن حڪمت عملي جوڙي هن چيو ته بلديه ٽائون ۾ 25 ايڪڙن تي پکڙيل اها زمين قبضي ۽ چائنا ڪٽنگ جي خطري هيٺ هئي پر پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ان کي بچايو مرتضيٰ وهاب چيو ته سنڌ حڪومت، وڏي وزير ۽ مڪاني ادارن جي ڪوشش سان اڄ هن جاءِ تي اسپورٽس ڪمپليڪس عوام لاءِ کوليو ويو آهي ڪمپليڪس ۾ مختلف راندين جون سهولتون موجود آهن جيئن ته نوجوان راندين جي سکيا حاصل ڪري سگهن ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي سهڪار سان هن ضلعي ۾ دل جي علاج جو سيٽلائيٽ سينٽر پڻ قائم ڪيو ويو جيڪو عوام جي خدمت جو اهم مثال آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪمپليڪس واري زمين تي پيپلز پارٽي جا جهنڊا به موجود آهن ۽ قبضي جي دعويدار گروپن جا جهنڊا پڻ لڳل رهيا آهن پر حڪومت 25 ايڪڙن تي اسپورٽس ڪمپليڪس تعمير ڪري عوام کي سهولت فراهم ڪئي آهي مرتضيٰ وهاب چيو ته انشاءالله پيپلز پارٽي جو هر هڪ جيالو شهر جي خدمت ڪندو رهندو ۽ عوام دوست منصوبن ذريعي ڪراچي جي نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪيا ويندا.

بقايا 3 روزاني عبرت

سستو انصاف فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. قانون ۽ انصاف واري وزارت فيڊرل سروس ٽربيونل کي بهتر انتظامي ۽ مالي مدد فراهم ڪندي ته جيئن التوا ۾ پيل اپيلن جي جلد ۽ شفاف فيصلن کي يقيني بڻائي سگهجي اهڙو اظهار هن جمعي ڏينهن نئين مقرر ٿيل فيڊرل سروس ٽربيونل جي چيئرمين رانا اسد الله خان سان ملاقات دوران ڪيو وفاقي وزير پاران رانا اسد الله جي فيڊرل سروس ٽربيونل جي چيئرمين جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ملاقات ۾ فيڊرل سروس ٽربيونل جي انتظامي ڍانچي ۽ ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ سرڪاري ملازمن جي سروس معاملن ۽ التوا ۾ پيل اپيلن جي جلد ۽ شفاف فيصلن جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 4 روزاني عبرت

(ن) جي صدر محمد نواز شريف سان سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي جمعي ڏينهن جاتي امرا رائي ونڊ ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي به ڳالهيون ڪيون ويون پارٽي ترجمان موجب مسلم ليگ (ن) جي صدر سنڌ جي گورنر لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو سنڌ جي عوام جي خدمت ۽ وفاق ۽ صوبي وچ ۾ رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو رهندو.

بقايا 5 روزاني عبرت

جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو وفاقي حڪومت کي ڪرڻو آهي، جڏهن ته صوبي جي صورتحال بابت رپورٽ گهري وئي ته هو وفاق کي پنهنجي رپورٽ موڪلي ڇڏيندو. پريس ڪانفرنس ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته صوبي جون حالتون سڀني جي سامهون آهن جيڪڏهن وفاقي حڪومت رپورٽ طلب ڪئي ته هو موجوده صورتحال بابت پنهنجا مشاهدا ۽ راءِ پيش ڪندو.

بقايا 6 روزاني عبرت

سمورين لاڳاپيل ڌرين تي زور ڀريو آهي ته اهي ذهني صحت جي حوالي سان رڳو آگاهي تائين محدود رهڻ بدران عملي قدم کڻن اهڙو پاڪستان جوڙڻ جي لاءِ ڪوششون جاري رکڻ گهرجن جتي ماڻهو ڪنهن فرق کانسواءِ ذهني صحت بابت مدد حاصل ڪري سگهن ۽ هر شخص عزت ۽ وقار سان اميد جوڳي زندگي گذاري سگهي هن اها ڳالهه ذهني صحت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 10 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي. ان موقعي تي صدر سڄي پاڪستان جي عوام خاص طور تي ذهني صحت جي مسئلن ۾ ورتل ماڻهن انهن جي گهرڀاتين، نگهداشت ڪندڙن ذهني صحت جي ماهرن ۽ ان شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ سمورن ماڻهن جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. صدر چيو ته هلندڙ سال ذهني جي صحت جي عالمي ڏهاڙي جو موضوع "ذاتي تجربن کي ٻڌو وڃي: حقيقي آواز، حقيقي تبديلي" ذهني صحت جي مسئلن مان گذرندڙ ماڻهن جا تجربا ٻڌڻ ۽ انهن جي موقف کي لاڳاپيل پاليسين، خدمتن ۽ فيصلن ۾ شامل ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو صدر چيو ته ذهني صحت، انساني وقار ۽ قومي ترقي جو هڪ لازمي جز آهي. اسان کي اهڙو پاڪستان جوڙڻ جي لاءِ ڪوششون جاري رکڻ گهرجن جتي ماڻهو ڪنهن بدنامي يا فرق جي خوف کانسواءِ ذهني صحت بابت مدد حاصل ڪري سگهي، معياري سهولتون پهچ جوڳيون ۽ گهٽ خرچ هجن ۽ هر شخص عزت ۽ وقار سان اميد جوڳي زندگي گذاري سگهي. صدر ذهني صحت جي خدمتن کي بهتر بڻائڻ ۽ بنيادي صحت جي سهولتن سميت وسيع تر صحت ۽ سماجي ترقي جي قدمن ۾ ذهني صحت کي شامل ڪرڻ جي لاءِ طبي ماهرن سول سوسائٽي تنظيمن، ترقياتي حصيدارن، مقامي آبادين ۽ خاندانن جي ڪوششن کي ساراهيو هن چيو ته دماغي صحت جي حوالي سان اسان جي وابستگي ۽ ڪوششون معاشري جي سمورن طبقن خاص طور تي ٻارن ۽ نوجوانن، عورتن، معذور ماڻهن، ڪمزور آبادين ۽ هنگامي حالتن ۽ مشڪلاتن کان متاثر ماڻهن تائين پهچڻ گهرجن. صدر آصف علي زرداري ان اهم ڏينهن جي موقعي تي سمورين لاڳاپيل ڌرين تي زور ڀريو ته اهي رڳو آگاهي تائين محدود رهڻ بدران بامعنيٰ قدم کڻن ذهني صحت جي مسئلن مان گذرندڙ ماڻهن جي تجربن کي ڌيان سان ٻڌن، عيب جي نظر سان ڏسڻ ۽ فرق جو خاتمو ڪن، ڪميونٽي جي سطح تي ذهني صحت جي خدمتن کي مضبوط بڻائين ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ذهني صحت يونيورسل هيلٿ ڪوريج ۽ قومي ترقي جو لازمي حصو بڻيل رهي. صدر ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اچو هڪ اهڙي پاڪستان جي لاءِ ڪم ڪريون جتي هر شخص جي ڳالهه ٻڌي وڃي، ان جو قدر ڪيو وڃي ۽ عزت ۽ وقار سان سلوڪ ڪيو وڃي ۽ جتي ذهني صحت کي عوام جي مجموعي صحت ۽ ڀلائي جو بنيادي جز تسليم ڪيو وڃي.

بقايا 7 روزاني عبرت

معاشي ترقي کي فروغ ملندو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن ۽ زرعي شعبي کي قرضن جي فراهمي ۾ نمايان ۽ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ بئنڪن جي ڪوششن کي ساراهڻ جي لاءِ بئنڪن جي صدرن ۽ سي اي اوز جي وفد سان ملاقات ڪئي ۽ وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام، ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي جي لاءِ بئنڪن جي ڪوششن جي واکاڻ ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم چيو ته ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروباري ادارا پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا، انهن جي ترقي سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ معاشي سرگرمين کي فروغ ملندو. حڪومت پاران شروع ڪيل انهن قدمن جو مقصد عام شهرين، ڪاروباري ماڻهن ۽ آبادگارن کي مالي وسيلن تائين پهچ فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته ايس ايم اين هائوسنگ ۽ زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي ۾ بهتري سان روزگار، سيڙپڪاري، پيداوار ۽ مجموعي معاشي ترقي کي هٿي ملندي، قرضن جي فراهمي ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ شهرين جي فائدي جي لاءِ اسٽيٽ بئنڪ قرضن جي منظوري ۽ ادائيگي جي عمل کي وڌيڪ آسان بڻائي. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته زرعي شعبي ۾ قرضن جي فراهمي آبادگارن جي معاشي بهتري، زرعي پيداوار ۾ اضافي ۽ غذائي تحفظ جي لاءِ انتهائي اهم آهي. ننڍي آبادگارن تائين مالي وسيلن جي پهچ کي ترجيح ڏني وڃي ته جيئن اهي جديد زرعي طريقا اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجي پيداواري صلاحيت وڌائڻ جي قابل ٿي سگهن. هن چيو ته زرعي ٽائسنگ جي ذريعي ننڍي آبادگارن تائين پهچ وڌائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ملڪ جي وڏي بئنڪ اها آهي جيڪا ننڍي آبادگارن جي پڻ بئنڪ هجي. وفد وزيراعظم جي قيادت ۾ پاڪستان جي معاشي استحڪام ۽ معيشت جي رخ جي بهتري تي وزيراعظم کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ حڪومت جي معاشي پاليسين تي اعتماد جو اظهار ڪيو ان موقعي تي وفد جي ميمبرن چيو ته ترجيحي شعبن ۾ قرض مهيا ڪرڻ جي لاءِ حڪومت سان ڀرپور تعاون بهتر بڻائي رهيا آهيون. وزيراعظم عوام کي پنهنجي گهر جو مالڪ بڻائڻ ننڍي ڪاروبارن کي مالي وسيلا فراهم ڪرڻ ۽ آبادگارن جي پيداواري صلاحيت وڌائڻ جي لاءِ بئنڪاري شعبي جي تعاون تي ٿورا ادا ڪيا. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت هيستائين 426 ارب رپين جي ماليت جا قرض منظور ٿي چڪا آهن انهن ۾ 76 ارب رپين جا قرض جاري ڪيا ويا آهن مالي سال 27 — 2026ع جي لاءِ ان پروگرام تحت 125000 رهائشي يونٽس جي تعمير ۽ فراهمي جي لاءِ 700 ارب رپين جي فنانسنگ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڏنو ته قرضن جي منظوري ۽ رقم جي فراهمي جي وچ ۾ موجود فرق کي گهٽ ڪيو وڃي، ڇو ته شهرين کي حقيقي فائدو انهي وقت پهچندو جڏهن منظور ٿيل رقم انهن تائين وقت سر پهچندي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڊيوليرز جي قرضن تائين پهچ جي لاءِ فريم ورڪ تي مشاورت جاري آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ايس ايم ايز شعبي ۾ اٽڪل 350862 ڪاروباري ماڻهن کي مجموعي طور تي 1137 ارب رپين جا قرض فراهم ڪيا ويا آهن جون 2027ع تائين قرضن جو ڪاٿو 1500 ارب رپيا ۽ فائدو کڻندڙ ڪاروباري ماڻهن جو انگ 565000 تائين پهچڻ جو هدف مقرر آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

برداشت ڪرڻ جي ضرورت ناهي، هو گهر ويٺي سپريم ڪورٽ جي 1818 ليگل ڪال سينٽر تي رابطو ڪري قانوني مشورو حاصل ڪري سگهن ٿا. ڪال سينٽر ذريعي

وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ملڪي سربراهن واري ڪائونسل جي سربراهي اجلاس جي انتظامن بابت اجلاس منعقد ٿيو اهو سربراهي اجلاس پاڪستان جي ميزباني ۾ 2027ع ۾ اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اجلاس منعقد ڪرڻ جي لاءِ مختلف معاملن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي وچ ۾ مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو هن هدايت ڪئي ته سمورا انتظام وقت سر ۽ جامع انداز ۾ اڳتي وڌايا وڃن اجلاس جي اهميت کي اجاگر ڪندي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير زور ڀريو ته پاڪستان جون تياريون ملڪ جي روايتي مهمان نوازي ۽ شنگهائي تعاون تنظيم جي دائري ۾ تعاون جي عزم جي عڪاسي هجڻ گهرجن اجلاس ۾ وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، دفاع واري سيڪريٽري، وفاقي پرڏيهي سيڪريٽري، سي ڊي اي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزارت جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 10 روزاني عبرت

راندين جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ آهي هن چيو ته 1974ع ۾ ڪشمير روڊ تي ڪي ايم سي اسپورٽس ڪمپليڪس جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو جڏهن ته 23 جون 1975ع تي وڏي وزير غلام مصطفيٰ جتوئي ڪي ايم سي سوئمنگ پول جو افتتاح ڪيو 1996ع ۾ وڏي وزير سيد عبدالله شاهه جي دور ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس جي ترقيءَ جو منصوبو جوڙيو ويو ۽ 2005ع ۾ گلشن اقبال وومين اسپورٽس ڪمپليڪس مڪمل ڪيو ويو سعديه جاويد چيو ته 2018ع ۽ 2019ع ۾ لانڍي اسپورٽس ڪمپليڪس جي تعمير ۽ تڪميل ڪئي وئي جڏهن ته 23 اپريل 2022ع تي اسٽار گرائونڊ اسپورٽس ڪمپليڪس جو پيڙهه جو پٿر رکيو ويو هن چيو ته 9 آگسٽ 2026ع تي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب لانڍي ۾ راندين جي سهولت جي بحاليءَ کانپوءِ افتتاح ڪيو هن وڌيڪ چيو ته اڄ 9 آڪٽوبر تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلديه ٽائون ۾ نئين اسپورٽس ڪمپليڪس جو افتتاح ڪندو راندين جون سهولتون فراهم ڪرڻ سان نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن کي نکارڻ، صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا بهتر موقعا ملندا. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته نوجوانن لاءِ راندين جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اهم عوامي ذميوارين مان هڪ آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪوششون جاري رهنديون.

بقايا 11 روزاني عبرت

منعقد ٿيو جنهن ۾ تاريخي علائقي جي اصل سڃاڻپ ۽ ثقافتي اهميت برقرار رکندي بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ فٽ پاٿن جي بحالي، ڀرپاسي وارين سڙڪن جي بهتري ۽ پيادل هلندڙن لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ بابت تجويزن تي غور ڪيو ويو جلاس ۾ ناميارين ماهر تعميريات ياسمين لاري برنس روڊ جي بحالي ۽ ترقيءَ جو تجويز ڪيل ماڊل پيش ڪيو ان موقعي تي تاريخي فوڊ اسٽريٽ کي وڌيڪ خوبصورت، منظم ۽ شهرين لاءِ پرڪشش بڻائڻ جي مختلف پهلوئن جو جائزو ورتو ويو منصوبي ۾ برنس روڊ کي پيادل هلندڙن لاءِ مخصوص علائقو بڻائڻ فٽ پاٿن کي بهتر ڪرڻ ۽ ڀرپاسي وارين گهٽين ۽ سڙڪن جي بحاليءَ جون تجويزون شامل آهن ته جيئن شهرين مقامي رهواسين ۽ واپارين کي بهتر ماحول فراهم ڪري سگهجي. چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته برنس روڊ ڪراچيءَ جي تاريخي ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو اهم حصو آهي ۽ ان جي بحاليءَ دوران علائقي جي روايتي سڃاڻپ کي هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو هن چيو ته ترقياتي منصوبي جو مقصد رڳو علائقي جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪرڻ نه پر عوامي سهولتن کي بهتر بڻائڻ پيادل هلندڙن جي اچ وڃ کي آسان بنائڻ ۽ شهري ماحول کي وڌيڪ منظم ڪرڻ پڻ آهي برنس روڊ جي سڃاڻپ ان جي روايتي کاڌن ۽ تاريخي ماحول سان جڙيل آهي تنهنڪري رٿابنديءَ ۾ انهن خصوصيتن کي خاص اهميت ڏني ويندي. هن چيو ته برنس روڊ کي پيادل هلندڙن لاءِ سازگار بڻائڻ سان شهرين کي فوڊ اسٽريٽ ۾ اچ وڃ جو بهتر تجربو حاصل ٿيندو جڏهن ته ٽريفڪ کي منظم ڪرڻ ۽ ڀرپاسي وارين علائقن تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ ۾ پڻ مدد ملندي. منصوبي تحت فٽ پاٿن ۽ ڀرپاسي وارين سڙڪن کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويندو ته جيئن علائقي ۾ ايندڙ شهرين ۽ مقامي واپارين کي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. چيف سيڪريٽري سنڌ وڌيڪ چيو ته ڪراچيءَ جو ميئر ۽ لاڳاپيل ميونسپل ٽائون انتظاميا تجويز ڪيل منصوبي سان مڪمل طور متفق آهن هن ٻڌايو ته علائقي جي ٻين لاڳاپيل ڌرين جن ۾ مقامي رهواسي ۽ واپاري برادري پڻ شامل آهن کي منصوبي بابت اعتماد ۾ ورتو ويو آهي سڀني لاڳاپيل ڌرين جي سهڪار سان برنس روڊ جي بحالي ۽ خوبصورتيءَ جا قدم اڳتي وڌائڻ جو مقصد هن تاريخي علائقي جي سڃاڻپ برقرار رکندي ان کي شهرين لاءِ وڌيڪ بهتر بڻائڻ آهي. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ، ميونسپل ڪمشنر ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 12 روزاني عبرت

سرڪاري ويب پورٽل جو افتتاح ڪري ڇڏيو. تقريب ۾ سيڪريٽري قانون سعيد شيخ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، سوليسٽر سنڌ، ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ، انسپيڪشن اينڊ ايوليوئيشن سينيئر عملدارن ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن سنڌ بار ڪائونسل ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي نمائندن شرڪت ڪئي سيڪريٽري قانون سعيد شيخ ٻڌايو ته نئون ويب پورٽل قانون کاتي پنهنجي اندروني وسيلن سان تيار ڪيو آهي، جنهن ذريعي ١٩٣٧ع کان هن وقت تائين سنڌ جا قانون ۽ سرڪاري گزيٽ جون اشاعتون آن لائين دستياب هونديون پورٽل ۾ جديد سرچ سسٽم مصنوعي ڏاهپ جي مدد سان قانوني سهائتا ۽ ڪيو آر ڪوڊ ذريعي دستاويزن جي تصديق جون سهولتون شامل آهن ان موقعي تي ڊائريڪٽر آءِ ٽي کي صوبائي وزير کي پورٽل جي خاصيتن ۽ ڊجيٽل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني. صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار چيو ته جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان قانوني معلومات تائين عوام جي پهچ، شفافيت ۽ خدمتن جي اثرائتي فراهمي کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو هن هدايت ڪئي ته سنڌ حڪومت سان لاڳاپيل عدالتي ڪيسن جي اڳڀرائي ۽ اپڊيٽس کي پڻ ويب پورٽل سان ڳنڍيو وڃي سيڪريٽري قانون بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ جي آفيسن کي پڻ پورٽل سان ڳنڍيو ويندو جنهن سان قانوني معلومات ۽ لاڳاپيل معاملن تائين رسائي وڌيڪ آسان ٿيندي.

بقايا 13 روزاني عبرت

زون جي ڊائريڪٽر جي هدايتن تي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي پاران انساني اسمگلنگ ۽ غيرقانوني لڏپلاڻ ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ڪندي ٻن مبينا ايجنٽن بابر شهزاد ۽ محمد امتياز ملڪ کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته يورپ وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ 16 ڄڻن کي به تحويل ۾ ورتو ويو ايف آءِ اي ترجمان موجب، ابتدائي جاچ مطابق جاچايل ماڻهو ايران ۽ عراق جي زميني رستن ذريعي

# پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهه
## بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 41 سال 2026.
## سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر I.CSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ............مدعي

### خلاف

غلام مصطفيٰ ولد مختيار احمد ، ڪاروبار، نڪل اينڊ پالش ورڪس واقع هائوس نمبر: G-941 ،نزد بلال مسجد ، عثمان آباد ، بابا قاسم شاهه روڊ، حيدرآباد، A/C No:6230914336، ايف آءِ آر نمبر: 109/2019، (جوابدار) غلام مصطفيٰ ولد مختيار احمد ............مدعا عليه

ڏانهن،
**مٿي ڄاڻايل مدعاعليه**

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 435,800 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾ 20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو،ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو
منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ،08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

مهر عدالت
BY ORDER

بحڪم............
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

PID (K)1177/26

# پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهه
## بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 37 سال 2026.
## سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر I.CSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ............مدعي

### خلاف

ڪاشف قريشي ولد عبدالحميد ، ڪاروبار، ٽريڊ آري چوڙي ورڪس واقع نزد امام علي شاهه ،درگاهه الله دادچنڊ ڳوٺ، حيدرآباد ، A/C اڻ رجسٽر ٿيل ايف آءِ آر نمبر: 74/2023، (جوابدار) ڪاشف قريشي ولد عبدالحميد تازو پتو : (ساڳيو) ............مدعا عليه

ڏانهن،
**مٿي ڄاڻايل مدعاعليه**

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 344,200 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾ 20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو،ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو
منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ،08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

مهر عدالت
BY ORDER

بحڪم............
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

PID (K)1176/26

بقایا 1 روزنامه صبرت

دارۍ دارالریاسالمی سیستانی بلرستر دانیال چوړی چیر آهی د خیبرپختونخواهه د هندګرکی د ګرځیدو لپاره د ښوونځیو د اهګاهګرن د خیبرپختونخواهه حکومت حق درچیدون غواړی د تحقق دارتن سیاسی سرګرمیتن ڈسخ ور آخن تون د هندګرکی جی خلاک کښه د سپکیوریټی د پوښیدو اهګاهګرن جی قرباتین کښه راپګاهګرن رجوع ئه ذرد ویندر رازنیدیدی پرسیس کښه د صحافین ساتګاهلیدیدی بلرستر دانیال چوړی چیر د خیبرپختونخواهه جی صوروتحال سپنی جی ساهون آهی جیز هندګرکی جی دارفمن د سپکیوریټی اهګاهګرن جی قرباتین کښه د وړیښ اهګاهګرن جی قرباتین کښه راپګاهګرن رجوع ئه ذرد ویندر رازنیدیدی

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

اتي جي اڳهن ۾ واڌ ۽ عوام جي وڌندڙ پريشاني

صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاده

طاقت جي ايوانن کان غربت جي

صفحو 4

پنهنجي شاگرد کي رڳو ٻڌندڙ نه بڻايو، سوال پڇڻ جو هنر

مير قائم خان ٽالپر

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن — 10 آڪٽوبر

صفحو 4

# حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 98هين ڏينهن ۾ احتجاج

ملازمن گذرل 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

ڪارپوريشن ۾ سي اي او، فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون: مظاهرين

مامري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد: واسا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

# ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ خلاف احتجاج جاري

شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 28 ڏينهن ۾ شهرين احتجاجي ريلي ڪڍي

واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن، شهري پاڻي لاءِ پريشان آهن: اڳواڻ

ميهڙ شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 28 ڏينهن ۾ شهرين احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

# قاسم آباد جي ماروي ٽائون جي رهواسي جو وڏي پٽ خلاف احتجاج

# ڪي ڊي اي کي هڪ مضبوط ادارو بڻائينداسين: زين انصاري

آمدني جي موجوده ذريعن کي بهتر بڻائڻ نوان ۽ اثرائتا موقعا ڳولڻ جي ضرورت آهي

مستقبل ۾ هن منصوبي مان اداري لاءِ مالي فائدا وڌائڻ جي امڪانن جو تفصيلي جائزو

ڪراچي: زين لعابدين انصاري ميڊيا سان ڳالهائيندي

# گهوٽڪي: ڊاڪٽر پير سيد محمد شاهد علي شاهه جيلاني مرڪزي جماعت اهل سنت پاڪستان جو نائب امير مقرر

# زيشان ۽ ٻيا مبينا طور تي پنج سالن کان مسلسل تنگ پيا ڪن: لڪاٽو ڪلوئي

# ميهڙ ۾ سنڌ شاگرد سڀا پاران احتجاجي مظاهرو

# سيوهڻ ۾ جاري مختلف ميگا ترقياتي منصوبن بابت اجلاس

اجلاس ۾ مختلف ترقياتي منصوبن جي ڪم جي رفتار، معيار ۽ اڳڀرائي جو جائزو

ڊي سي پاران روڊ منصوبن جي ڪم جي رفتار تيز ڪري انهن کي جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت

سيوهڻ ڊپٽي ڪمشنر ميڊيا سان ڳالهائيندي

# گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جي نئين پرنسپال چارج سنڀالي ورتي

ڪلاس رومن ۽ اسٽاف روم جو دورو ڪري تدريسي ۽ انتظامي معاملن جو جائزو ورتو

دوري دوران تعليمي سرگرمين ۽ اداري جي بهتري بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي نئين مقرر ٿيل پرنسپال سڪندر علي مهيسر کي هار پارايا پيا وڃن

# ڏوهي ڪاروائين ڪندڙ گينگ جو پتو لڳايو آهي: ڊي ايس پي شهدادڪوٽ

ترت عدالتي ڪٽهڙي ۾ پهچائي سگهجي: مير ممتاز علي مگسي

۾ ڏينهن اڳ شهري عارف حسين لغاري کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ بيو سامان هٿ ڪيو آهي

شهدادڪوٽ ڊي ايس پي مير ممتاز مگسي پريس ڪانفرنس ڪندي

## U.S. Consulate Karachi Hosts 'Freedom 250' Reception

The U.S. Consulate General Karachi hosted a "Freedom 250" reception marking 250 years of American independence and celebrating the longstanding U.S.-Pakistan partnership.

Sindh Assembly Speaker Syed Owais Qadir Shah attended as chief guest, while Sindh Governor Syed Nehal Hashmi was the guest of honor. U.S. Consul General Charles Goodman highlighted growing economic ties and noted that more than 80 U.S. companies operate in Pakistan, with bilateral trade in goods and services exceeding $11 billion last year.

The event, themed "The American Brand," highlighted American innovation, entrepreneurship and creativity, as well as opportunities for stronger cooperation between the two countries in education, technology and business.

Governor Hashmi emphasized the importance of connecting Pakistani talent with American education, innovation and global business opportunities. Speaker Shah also highlighted the positive role of U.S.-Pakistan cooperation in education, economic opportunities and cultural exchanges in Sindh.

The "Freedom 250" campaign is being marked through events by U.S. diplomatic missions worldwide to commemorate the 250th anniversary of the signing of the U.S. Declaration of Independence.

## 45 Pakistani Businesses Register for Trade Expo Indonesia 2026

Interest among Pakistani businesses in Indonesia's flagship trade event, Trade Expo Indonesia (TEI) 2026, is gaining momentum, with 45 businesspeople from Karachi and other parts of Sindh registering to participate.

The Consulate General of Indonesia in Karachi has selected around 20 businesses for delegation facilities, based on their business performance, previous engagement with Indonesia and sector compatibility. Other registered participants will attend independently.

A pre-departure technical meeting and business lunch was held in Karachi on Tuesday to brief participants on business matching, participation arrangements and opportunities at TEI 2026, scheduled for October 14–18 at ICE BSD City, Greater Jakarta.

Indonesian Consul General in Karachi Mudzakir, M.A. said the mission would focus on turning business contacts into concrete commercial opportunities, including new partnerships, negotiations and expanded trade relations.

The initiative builds on the success of TEI 2025, which generated $22.8 billion in transactions. A 25-member Sindh delegation also secured around $22.9 million in trade agreements in sectors including commodities, automotive parts, textiles, pharmaceuticals, food and beverages.

For TEI 2026, the Indonesian Consulate plans to facilitate around 200 targeted B2B meetings between Pakistani importers and Indonesian companies, with participants matched according to their sourcing interests and business profiles.

The Pakistani delegation is also expected to attend the Indonesia Sharia Economic Festival (ISEF) in Jakarta, providing additional opportunities to explore Indonesia's halal and sharia economy.

## PTA (S.Z.) Hosts Ceremony to Honour Leather Industry Members

Pakistan Tanners Association (South Zone) hosted a special ceremony to acknowledge and appreciate its bona fide members, top exporters and prominent members of the leather industry. The event was hosted by PTA (S.Z.) Chairman Dr. Danish Aman and members of the Executive Committee. Mr. Ali Rashid, Provincial Minister for IT and Special Assistant to the Chief Minister, Sindh, attended the ceremony as the chief guest. The event was attended by representatives and prominent figures associated with the leather industry and concluded with a luncheon.

HEW Group's Saima and Lubna Mudassar hosted a fantastic 80s-themed gathering for the members of their group at Canteen Restaurant. The event was a wonderful celebration of nostalgia, bringing everyone together to relive the charm, memories, and spirit of the unforgettable 80s era. Members participated enthusiastically, shared their cherished memories, enjoyed the retro vibes, and created many new memories together. It was truly a fun-filled and memorable evening that beautifully celebrated friendship, togetherness, and the timeless magic of the 80s.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلو پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 10 آڪٽوبر 2026ع

## اٽي جي اگهن ۾ واڌ ۽ عوام جي وڌندڙ پريشاني

ڪڻڪ ۽ اٽو پاڪستان جي ماڻهن جي خوراڪ جو بنيادي حصو آهن ملڪ جي وڏي آباديءَ لاءِ ماني زندگيءَ جي ضرورت آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ ۽ ان جي نتيجي ۾ اٽي جي قيمتن ۾ ٿيندڙ اضافو عام ماڻهن جي زندگيءَ کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ٿو. تازو ٿي ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ سبب فلور ملز اٽي جي في ڪلو قيمت ۾ 20 رپيا اضافو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ جو اگهه 14 هزار 500 رپيا في 100 ڪلوگرام تائين پهچي ويو آهي. اٽي جي قيمتن ۾ هن واڌ سان اڳ ئي مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻيل عوام جون پريشانيون وڌڻ فطري آهي. اگهن ۾ واڌ جي صورتحال جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ٿوڪ ۾ فائن اٽو 155 رپيا، ميدو 167 رپيا ۽ چوڪر اٽو 180 رپيا في ڪلوگرام ٿي ويو آهي جڏهن ته پرچون مارڪيٽ ۾ ميدي جو اگهه 170 رپيا، فائن اٽي جو اگهه 200 رپيا ۽ چڪيءَ جي اٽي جو اگهه 210 رپيا في ڪلوگرام تائين پهچي ويو آهي. اهي اگهه انهن خاندانن لاءِ وڏو بار آهن، جن جي آمدني محدود آهي ۽ جن جي گهريلو خرچن جو وڏو حصو کاڌي پيتي تي خرچ ٿئي ٿو. اٽي جي قيمت وڌڻ جو مطلب رڳو ماني مهانگي ٿيڻ نه پر گهرن جي سڄي خرچ جو بجيٽ متاثر ٿيڻ به آهي. هن معاملي جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته ٻڌايو پيو وڃي ته اگهن ۾ واڌ کان اڳ فلور ملز ڪيترن ئي ڏينهن تائين اٽي جي فراهمي بند ڪري ڇڏي هئي، جنهن سبب دڪانن تي اٽي جي کوٽ پيدا ٿي وئي. جيڪڏهن مارڪيٽ ۾ فراهمي گهٽجي وڃي ۽ ساڳئي وقت اگهه وڌڻ لڳن ته ان جو سڌو اثر صارفين تي پوي ٿو تنهن ڪري ضروري آهي ته حڪومت رڳو قيمتن ۾ واڌ کان پوءِ حرڪت ۾ اچڻ بدران اٽي جي فراهميءَ جي پوري نظام تي نظر رکي. فلور ملز وٽ ڪڻڪ جي موجودگي، اٽي جي پيداوار، مارڪيٽ ۾ فراهمي ۽ مختلف مرحلن تي مقرر ٿيندڙ اگهن جي نگراني ٿيڻ گهرجي، جيئن ڪنهن به مرحلي تي پيدا ٿيندڙ کوٽ جو بار عام ماڻهن تي نه پوي.

سنڌ حڪومت طرفان 15 آڪٽوبر کان فلور ملز کي سبسڊيءَ واري ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو فيصلو هڪ اهم قدم آهي. سرڪاري طور 12 هزار 500 رپيا في 100 ڪلوگرام جي اگهه تي ڪڻڪ فراهم ڪرڻ سان فلور ملز جي پيداواري خرچن ۾ گهٽتائي اچڻ ۽ اٽي جي اگهن کي ضابطي ۾ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. پر ان قدم جي ڪاميابيءَ جو دارومدار رڳو ڪڻڪ جاري ڪرڻ تي نه پر ان ڳالهه تي به هوندو ته سبسڊيءَ جو فائدو حقيقي طور عوام تائين پهچي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن فلور ملز کي گهٽ اگهه تي ڪڻڪ ملڻ باوجود اٽي جي قيمت ۾ مناسب گهٽتائي نه ٿي اچي ته پوءِ سرڪاري امداد جو مقصد اڌورو رهجي ويندو. سنڌ جي سرڪاري ذخيرن ۾ هن وقت 3 لک 46 هزار 414 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ موجود هجڻ ۽ درآمد ٿيل ڪڻڪ جي آمد کان پوءِ اهي ذخيرا 8 لک 36 هزار 414 ميٽرڪ ٽن تائين پهچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته ڪڻڪ جي فراهميءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ حڪومت وٽ ذخيرن ۽ درآمد جي صورت ۾ ڪجهه گنجائش موجود آهي. تنهن هوندي به، رڳو سرڪاري گودامن ۾ ڪڻڪ جي موجودگي عوام کي سستو اٽو فراهم ٿيڻ جي ضمانت نه آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته ڪڻڪ جي ذخيرن مان بروقت فراهمي يقيني بڻائي وڃي، ورڇ جي نظام ۾ شفافيت هجي ۽ ڪڻڪ جي خريداريءَ کان وٺي اٽي جي پرچون وڪري تائين سموري عمل جي نگراني ڪئي وڃي. درآمد ٿيل ڪڻڪ نومبر تائين پهچڻ جو امڪان آهي، پر ان وقت تائين اوپن مارڪيٽ ۾ اگهن تي دٻاءُ برقرار رهڻ جو خدشو آهي. حڪومت کي گهرجي ته درآمد ٿيل ڪڻڪ جي آمد تائين عوام کي مهانگائيءَ جي رحم ڪرم تي نه ڇڏي. سبسڊيءَ واري ڪڻڪ جي فراهميءَ سان گڏ اٽي جي ذخيرن ۽ وڪري بابت روزاني بنيادن تي جاچ حاصل ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ اٽي جي کوٽ يا غيرمعمولي اگهن جي شڪايت سامهون اچي ته لاڳاپيل عملدار فوري ڪارروائي ڪن. ساڳئي وقت، اگهن جي نگرانيءَ لاءِ رڳو ڪاغذي حڪم جاري ڪرڻ بدران مارڪيٽن ۾ عملي طور جاچ جو نظام مضبوط ڪرڻ گهرجي. ضروري آهي ته سنڌ حڪومت اٽي جي اگهن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هنگامي ۽ ڊگهي مدي وارا قدم کڻي.

## نوجوان نسل ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي؟

اعجاز علي ٽيوٽو

موبائل فون ۽ انٽرنيٽ جديد دور جي اهم ضرورت بڻجي چڪا آهن ٽيڪنالاجي دنيا کي انسان جي هٿن تائين آڻي ڇڏيو آهي جتي تعليم، روزگار، ڪاروبار، معلومات ۽ تفريح جا بيشمار موقعا موجود آهن پر ٽيڪنالاجيءَ جي غلط استعمال سبب ڪيترائي سماجي مسئلا پڻ جنم وٺي رهيا آهن انهن مان هڪ انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آن لائن موبائل گيمز، بيٽنگ ايپس ۽ مختلف ڊجيٽل پليٽ فارمز ذريعي جوا جو وڌندڙ رجحان آهي جنهن نوجوان نسل جي زندگي، تعليم، معاشي حالتن ۽ خانداني نظام تي منفي اثر وجهڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اڄ جي دور ۾ موبائل فون انسان جي زندگيءَ جو اهڙو حصو بڻجي چڪو آهي جنهن کانسواءِ زندگيءَ جو تصور به مشڪل محسوس ٿئي ٿو هڪ ننڍڙي ڊوائيس ۾ دنيا جي معلومات، تعليم، تفريح، ڪاروبار، روزگار ۽ رابطي جا بي شمار وسيلا موجود آهن پر افسوس جو ساڳيو موبائل فون جيڪڏهن غلط مقصد لاءِ استعمال ٿئي ته اهو سهولت بدران نقصان جو ذريعو به بڻجي سگهي ٿو اڄ اسان جي نوجوان نسل جي هٿن ۾ موبائل فون آهي پر سوال اهو آهي ته انهن موبائل فونن جي اسڪرين تي ڇا هلي رهيو آهي؟ ڇا اتي علم جي ڳولا آهي هنر سکڻ جي ڪوشش آهي، روزگار جا نوان رستا ڳوليا پيا وڃن يا پوءِ ڪجهه اهڙيون گيمون ۽ آن لائن سرگرميون آهن جيڪي نوجوانن کي جوا، بيٽنگ ۽ جلدي پئسا ڪمائڻ جي چڪر ۾ ڦاسائي رهيون آهن؟ هيءَ سوال رڳو والدين لاءِ نه، پر سڄي سماج لاءِ اهم بڻجي چڪو آهي موبائل گيم ڪيڏڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ تفريحي سرگرمي ٿي سگهي ٿي مسئلو ان وقت شروع ٿئي ٿو جڏهن راند ۾ پئسا لڳائڻ ڪٽڻ ۽ هارائڻ جو عنصر شامل ٿي وڃي ڪيترائي آن لائن پليٽ فارم نوجوانن کي اهڙو احساس ڏيارين ٿا جڻ ٿوري رقم لڳائي ٿوري ئي وقت ۾ وڏي رقم حاصل ڪري سگهجي ٿي شروعات ۾ رقم ننڍي هوندي آهي تنهنڪري نوجوان اُن کي سنجيده خطرو نه سمجهندو آهي پر جڏهن هڪ ڀيرو ڪٽڻ جو تجربو ٿئي ٿو ته وڌيڪ رقم لڳائڻ جي خواهش پيدا ٿي سگهي ٿي پوءِ جيڪڏهن نقصان ٿئي ٿو ته سوچ اچي ٿي ته 'ايندڙ ڀيري نقصان پورو ٿي ويندو' ۽ اهو ئي خيال نوجوان کي وڌيڪ رقم لڳائڻ طرف وٺي وڃي ٿو هڪ وقت اهڙو به اچي سگهي ٿو جڏهن راند تفريح نه رهي، پر نوجوان جي روزاني زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃي زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ تعليم، هنر، محنت ۽ مستقل مزاجي جي ضرورت هوندي آهي پر آن لائن جوا نوجوان جي ذهن ۾ هڪ خطرناڪ سوچ پيدا ڪري سگهي ٿي ته پئسا ڪمائڻ لاءِ محنت ڪرڻ بدران قسمت آزمائي سگهجي ٿي اها سوچ نوجوان جي شخصيت ۽ مستقبل ٻنهي لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿي جنهن نوجوان کي اڄ ڪتاب پڙهڻ کو هنر سکڻ امتحان جي تياري ڪرڻ يا روزگار لاءِ قابليت پيدا ڪرڻ ۾ وقت لڳائڻ گهرجي جيڪڏهن اهو وقت موبائل اسڪرين تي رقم ڪٽڻ ۽ هارائڻ جي انتظار ۾ گذاري ته پوءِ سوال صرف اڄ جي نقصان جو ناهي پر سندس ايندڙ ڪيترن ئي سالن جو آهي آن لائن جوا ۾ سڀ کان خطرناڪ نفسياتي پهلو اهو آهي ته ماڻهو نقصان کي قبول ڪرڻ بدران اُن کي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيهر رقم لڳائڻ شروع ڪري سگهي ٿو هڪ هزار روپيا وڃائڻ کانپوءِ به هزار لڳائڻ ۽ هزار وڃائڻ کانپوءِ پنج هزار لڳائڻ ۽ پوءِ وڌيڪ رقم سان نقصان پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ هڪ اهڙو چڪر بڻجي سگهي ٿو جنهن ۾ انسان کي خبر ئي نٿي پوي ته هو ڪيتري رقم وڃائي چڪو آهي اهڙي صورتحال ۾ نوجوان دوستن کان قرض وٺي سگهي ٿو گهر وارن کان رقم گهري سگهي ٿو يا پنهنجي ذاتي شين کي وڪڻڻ تائين پهچي سگهي ٿو جوا جو نقصان صرف اُن نوجوان تائين محدود ناهي جيڪو رقم لڳائي رهيو آهي جڏهن نقصان وڌي ٿو ته اُن جا اثر سڄي خاندان تائين پهچي سگهن ٿا گهر ۾ ڪوڙ پئسن جي لڪائڻ قرض وٺڻ موبائل تي پاس ورڊ وجهڻ والدين کان سرگرميون لڪائڻ ۽ مسلسل پريشاني جهڙيون حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون هڪ اهڙي خاندان جو تصور ڪريو جتي والدين پنهنجي ٻار جي تعليم ۽ مستقبل لاءِ پئسا گڏ ڪري رهيا هجن ۽ ٻئي طرف اهو نوجوان آهي پئسا آن لائن جوا ۾ وڃائي رهيو هجي ته ان کان وڏو الميو ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو؟ مسلسل هار، قرض ۽ نقصان نوجوان کي ذهني دٻاءَ ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا ڪيس هر وقت اها ڳڻتي رهي سگهي ٿي ته نقصان ڪيئن پورو ٿيندو جيڪڏهن اهو مسئلو پنهنجي والدين ۽ دوستن کان لڪائيندو رهيو هجي ته صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ٿي سگهي ٿي تنهن ڪري، جيڪڏهن ڪو نوجوان اهڙي سرگرميءَ ۾ ڦاسي پوي ته ڪيس طعنا ڏيڻ خوار ڪرڻ يا سخت سزا ڏيڻ بدران سائنس ڳالهه ٻولهه ڪرڻ سندس صورتحال کي سمجهڻ ۽ مناسب مدد فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي والدين کي پاڻ کان اهو سوال ڪرڻ گهرجي ته منهنجو ٻار موبائل تي ڪيترو وقت گذاري ٿو ۽ ڇا ڪري ٿو؟ صرف اهو ڏسڻ ڪافي ناهي ته ٻار موبائل استعمال ڪري رهيو آهي اهو ڄاڻڻ به ضروري آهي ته هو ڪهڙيون گيمون کيڏي ٿو ڪهڙيون ايپس استعمال ڪري ٿو ۽ ڇا انهن ايپس ۾ ملي ٿي وٺ يا بيٽنگ جو عنصر موجود آهي پر نگراني سان گڏ اعتماد به ضروري آهي والدين جيڪڏهن ٻارن سان اهڙو رويو رکن، جنهن ۾ ٻار پنهنجي غلطي يا مسئلي بابت بنا خوف جي ڳالهائي سگهي ته ڪيترن ئي مسئلن کي شروعاتي مرحلي تي روڪي سگهجي ٿو.

اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته موبائل فون يا انٽرنيٽ پاڻ ۾ مسئلو ناهن مسئلو انهن جو غلط استعمال آهي ڇاڪاڻ ته ساڳيو موبائل فون هڪ نوجوان کي تعليم ڏئي سگهي ٿو ڪنهن کي روزگار ڏئي سگهي ٿو ڪنهن کي دنيا سان ڳنڍي سگهي ٿو ۽ ڪنهن کي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿو پر جيڪڏهن اهو ئي موبائل فون جوا ۽ بيٽنگ جو ذريعو بڻجي وڃي ته نقصان به ساڳي رفتار سان وڌي سگهي ٿو اڄ ته نوجوانن جو مستقبل بچايون، انهيءَ لاءِ اسان کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته اسان پنهنجي نوجوانن کي ڪهڙو مستقبل ڏيڻ چاهيون ٿا اهڙو مستقبل جتي نوجوان محنت، تعليم ۽ هنر سان اڳتي وڌن، يا اهڙو مستقبل جتي موبائل جي اسڪرين تي ڪٽڻ جي اميد ۾ پنهنجو وقت، پئسو ۽ مستقبل داءُ تي لڳائين؟ والدين کي پنهنجي ٻارن سان ڳالهائڻو پوندو استادن کي شاگردن جي رهنمائي ڪرڻي پوندي، ميڊيا کي آگاهي پيدا ڪرڻي پوندي ۽ لاڳاپيل ادارن کي قانوني ۽ انتظامي قدم کڻڻا پوندا ضرورت آن ڳالهه جي آهي ته موبائل کي علم جو ذريعو بڻايون، جوا جو نه. نوجوانن کي محنت جو رستو ڏيکاريون، قسمت آزمائي جو نه ۽ سندن مستقبل کي ڪنهن به آن لائن داءُ تي لڳڻ کان بچايون ڇاڪاڻ ته نوجوانن جو مستقبل محفوظ ڪرڻ اصل ۾ سماج جو مستقبل محفوظ ڪرڻ آهي.

آمريڪا جي فضلئن مان

## طاقت جي ايوانن کان غربت جي لڪير تائين

راجا زاهد اختر خانزاده

قومن جو زوال اوچتو ناهي ٿيندو ڪو ملڪ ڪنهن صبح جو اٿي هڪدم غريب، بي يقين يا غير مستحڪم نه بڻجي پوندو آهي. زوال هوريان هوريان ايندو آهي؛ پهريان ادارن ۾ لهندو آهي، پوءِ فيصلن ۾، پوءِ انصاف جي تارازي ۾، پوءِ معيشت جي نبض ۾ ۽ آخر ۾ عام ماڻهوءَ جي دسترخوان تي اچي ويهندو آهي. ڪڏهن ماني ننڍي ٿي ويندي آهي، ڪڏهن اميد ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو آهي، جڏهن انگ اکر اها ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳندا آهن جيڪا حڪمران سڄو سال تقريرن جي پردي پويان لڪائيندا رهيا هوندا آهن.

ورلڊ بئنڪ جي آڪٽوبر 2026ع جي تازي رپورٽ شايد ان ئي ڪهاڻيءَ جو هڪ تلخ باب آهي. وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان تي مشتمل خطي ۾ روزانو ٽن ڊالرن کان گهٽ تي گذاريندڙ انتهائي غريبن مان تقريباً اڌ سيڪڙو رڳو پاڪستان ۾ رهن ٿا. هي پاڪستان جو ڪو اڻڄاتل نمبر ناهي، بلڪ هن پوري خطي جي انتهائي غريبن ۾ پاڪستان جو حصو آهي، يعني هر ٻن مان لڳ ڀڳ هڪ. ورلڊ بئنڪ جي پنهنجي انگن اکرن موجب 2018-19ع کان 2024-25ع جي وچ ۾ ٽي ڊالر ڏينهن واري غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ آباديءَ جو تناسب 6.4 سيڪڙو پوائنٽ وڌيو ۽ بئنڪ جي 2024ع جي ملڪ گير انگن اکرن ۾ به لڳ ڀڳ ٽيويهه سيڪڙو پاڪستاني ان ئي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا هئا. پر انگ اکر رڳو منزل ٻڌائيندا آهن، رستو نه. اصل سوال اهو آهي ته اسين هتي پهتاسين ڪيئن؟

سولو جواب اهو آهي ته فلاڻي حڪومت ملڪ تباهه ڪري ڇڏيو. وڌيڪ سچو ۽ وڌيڪ ڪڙو جواب اهو آهي ته پاڪستان جي هن وقت جي حالت ڪنهن هڪ وزيراعظم، هڪ سربراهه، هڪ پارٽي يا هڪ ڏهاڪي جي پيداوار ناهي. هي ست ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي ۾ نهندڙ ان نظام جو ثمر آهي جنهن ۾ ڪڏهن چونڊيل حڪومتن کي پورو اختيار نه مليو، ڪڏهن غير جمهوري حڪمرانن کي پوري جوابدهي نه ملي؛ ڪڏهن عدالتون سياست جي پاڪر ۾ اچي ويون، ڪڏهن سياستدان غير چونڊيل طاقت جي دروازن تي دستڪ ڏيندي نظر آيا؛ ۽ ڪڏهن عوام کي چيو ويو ته ملڪ بچائڻو آهي ته پنهنجي سياسي پسند کي ڪجهه وقت لاءِ سمهاري ڇڏيو.

اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ پاڪستان تقريباً ڇهه سيڪڙو ساليانو شرح نمو ڏٺي. ظاهري طور اها خوشحاليءَ جي موسم هئي، پر ان چمڪندڙ تصوير جي پويان افغانستان جي جنگ بيٺل هئي. سوويت يونين افغانستان ۾ داخل ٿيو ته پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر آمريڪا لاءِ فرنٽ لائين رياست بڻجي ويو 1981ع ۾ ٽي ارب ويهه ڪروڙ ڊالرن جي امدادي پروگرام تي اتفاق ٿيو ۽ 1986ع ۾ وڌيڪ چار ارب ڊالرن جي ڪيترن سالن واري پيڪيج تي، پر اُهين جوڙ تاريخي طور درست ناهي ته ان رقم جو هر ڊالر عوام تائين پهتو يا اهو سڀ سڌو سنئون حڪمرانن جي کيسي ۾ هليو ويو. اصل مسئلو ان کان وڌيڪ گهرو هو. جنگ مان ايندڙ وقتي اسٽريٽجڪ ڪرائي هڪ اهڙي معيشت کي ٽيڪو ڏنو جنهن کي مستقل سڌارن جي ضرورت هئي. ٻاهرين امداد، خليجي ملڪن مان ايندڙ ترسيلات زر ۽ جاگرافيائي اهميت شرح نمو کي سنڀاليو، پر ٽيڪس جو دائرو، تعليم، برآمدات، پيداوار ۽ ادارن جي ترقي ان رفتار تي نه پهتي جنهن جي هڪ پائيدار رياست کي ضرورت هوندي آهي. پوءِ 1990ع آيو، پريسلر ترميم تحت آمريڪي فوجي امداد ۽ نئين معاشي امداد بند ٿي وئي ۽ اها حقيقت سامهون اچڻ لڳي جنهن کي ڊالرن جي آمد ڪجهه وقت لاءِ ڍڪي رکيو هو. ورلڊ بئنڪ جي تاريخي انگن اکرن موجب 1980ع کان 1990ع جي وچ ۾ سراسري حقيقي نمو 6.3 سيڪڙو هئي ۽ ايندڙ ڏهاڪي ۾ لڳ ڀڳ پوڻا چار سيڪڙو رهجي وئي؛ نوي جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ غربت به موٽي آئي ۽ اڳيون ڪيترين ئي ڪاميابيون پويان هٽڻ لڳيون.

افغان جهاد جو حساب رڳو ڊالرن ۾ نٿو ٿي سگهي جنگ افغانستان ۾ هئي، پر ان جا ڪيترائي اثر پاڪستان جي گهٽين تائين پهتا: لکين مهاجر هٿيارن جو ڪلچر، منشيات، فرقه واريت، جهادي نيٽ ورڪ ۽ قومي سلامتيءَ کي سياست جي مرڪز ۾ رکندڙ سوچ. جن قوتن کي ڪنهن وقت دنيا جي وڏين طاقتن ۽ پاڪستان سوويت يونين جي خلاف ضروري سمجهيو، ساڳين جنگي نيٽ ورڪن جا ڪجهه حصا پوءِ هن خطي لاءِ پاڻ هڪ پيچيده سلامتيءَ جو مسئلو بڻجي ويا. تاريخ جو الميو اهو ئي آهي ته وقتي فتح هميشه ڊگهي مدي جي ڪاميابي نه هوندي آهي. ۽ هتي هڪ پراڻو سوال وري اڀري ٿو: پاڪستان کي غير جمهوري حڪومتن بهتر هلايو يا سول حڪومتن؟ شايد اهو سوال ئي غلط ترتيب سان پڇيو ويندو رهيو آهي. غير جمهوري دورن جا حامي ايوب، ضياءَ ۽ مشرف جي ڪن سالن جي شرح نمو ڏيکارين ٿا. جمهوريت جا حامي چون ٿا ته ان کي ڪڏهن ايترو وقت، اختيار ۽ ادارن جي گنجائش ئي نه ڏني وئي جو اها پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري سگهي. ٻنهي ڳالهين ۾ ڪجهه سچ آهي پر اصل سوال ڪجهه ٻيو هئڻ گهرجي: ڇا ڪنهن به دور اهڙو نظام ناهيو جيڪو حڪمران جي وڃڻ کان پوءِ به هلندو رهي؟ جيڪڏهن نمو ڪنهن جنرل جي موجودگي، ڪنهن آمريڪي جنگ، ڪنهن آءِ ايم ايف پيڪيج يا ڪنهن خليجي دوست جي مهربانيءَ تي ٽڪيل هجي ته اها ادارن جي ڪاميابي ناهي وقتي سهولت آهي ۽ جيڪڏهن چونڊيل حڪومت قرض کڻي بجلي سستي ڪري ڇڏي، مٿا سٽا جي شرح کي مصنوعي طور روڪي رکي، نقصان ۾ هلندڙ ادارن کي سبسڊي ڏيندي رهي ۽ هر مسئلو ايندڙ چونڊن تائين ٽاري ڇڏي ته اها به پائيدار جمهوريت ناهي، رڳو سياسي بقا آهي.

پاڪستان مارشل لا به ڏٺي ۽ بار بار چونڊيل پارليامينٽون به، پر ٻنهي زمانن ۾ هڪ شيءِ مستقل رهي: طاقت ۽ جوابدهي ڪڏهن هڪ هنڌ گڏ نه ٿي سگهيون. ان ئي خال مان اهو تصور اڀريو جنهن کي اڄ جي سياسي ٻولي 'هائبرڊ نظام' چوي ٿي. آئين جي ڪاغذ تي وزيراعظم حڪومت جو سربراهه آهي، پارليامينٽ قانون ناهي ٿي ۽ عدالتون انصاف ڪن ٿيون، پر طاقت جو خوف ختم ۽ شهريءَ جو يقين شروع ٿئي ٿو

ڪيترين آزاد جاچن ۾ پاڪستان کي ان ڪري هائبرڊ چيو ويو جو چونڊن، حڪومت سازي ۽ اهم پاليسين تي ادارن جو اثر رسمي آئيني ڍانچي کان گهٽ وڌيڪ سمجهيو ويو ٿو فريڊم هائوس جي 2025ع جي رپورٽ به اهو ئي چيو ۽ اهو به ته سياسي پارٽين پاڻ به مختلف دورن ۾ انهن سرپرستيءَ جي در تي حاضري ڀري. هتي مسئلو رڳو انهن قوتن جو ناهي، سياسي طبقو به هن تاريخ کان بري الذمه ناهي. جيڪا پارٽي اقتدار کان ٻاهر هوندي آهي اها غير آئيني مداخلت خلاف آواز اٿاريندي آهي، ۽ جڏهن اقتدار جي ويجهو پهچندي آهي ته اهوئي تعلق ڪڏهن ڪيس قبولڻ جوڳو لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح آئين اصول نه رهندو آهي، هڪ سياسي ضرورت بڻجي ويندو آهي ۽ جڏهن قانون ضرورت موجب ڍرو لڳي ته انصاف تي يقين به هوريان هوريان ڳرڻ لڳندو آهي.

ورلڊ جسٽس پروجيڪٽ جي 2025ع جي رول آف لا انڊيڪس ۾ پاڪستان 143 ملڪن مان 130هين نمبر تي هو؛ بنيادي حقن ۾ 128هون، سول جسٽس ۾ 129هون، ضابطي جي نفاذ ۾ 127هون، ۽ امن ۽ سلامتي واري خاني ۾ آخري، يعني 143هون. آءِ ايم ايف جي گورننس اينڊ ڪرپشن ڊائيگناسٽڪ به پاڪستان ۾ بدعنواني جي وسيع خطرن، ورهايل نگراني، غير مستقل احتساب، ڪمزور ادارتي صلاحيت ۽ محدود قانون جي حڪمرانيءَ جي نشاندهي ڪئي. هي ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو منشور ناهي؛ هي اهو آئينو آهي جنهن ۾ رياست کي پنهنجو چهرو نظر اچي ٿو.

پاڪستان کي هن مقام کان ڪڍڻ لاءِ ڪو مسيحا نه ايندو نه ڪو سربراهه، نه ڪو مقبول وزيراعظم، نه آءِ ايم ايف جي ڪا قسط، نه ڪو نئون نعرو. حل پهريان رياست ۽ شهري جي وچ ۾ هڪ نئين آئيني معاهدي ۾ آهي. ادارن کي اهو ئي ڪرڻو پوندو جنهن جو آئين کين اختيار ڏئي ٿو؛ چونڊيل حڪومت کي حڪومت ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي ناڪاميءَ جو ذميوار به پاڻ بڻجڻو پوندو؛ پارليامينٽ کي قانون سازيءَ جي فئڪٽري نه، اقتدار جو اصل مرڪز بڻجڻو پوندو؛ عدليه کي هر پارٽي ۽ هر شهريءَ لاءِ ساڳيو قانون لاڳو ڪرڻو پوندو؛ ۽ سياسي پارٽين کي اهو طئي ڪرڻو پوندو ته هو اقتدار لاءِ غير چونڊيل طاقتن جي مدد گهرنديون يا پنهنجي لاءِ به اهي ئي اصول گهرنديون جيڪي پنهنجي مخالف لاءِ گهرنديون آهن. ايم ڪيو ايم هجي يا پي ٽي آءِ، پيپلز پارٽي هجي يا مسلم ليگ، جيڪڏهن ڪو ڏوهه آهي ته ڪيس هلايو وڃي، ثبوت پيش ڪيا وڃن ۽ فيصلو کليل عدالت ۾ ٿئي.

معيشت کي جاگرافيائي سياست جي ڪرائي کان نڪرڻو پوندو. افغان جنگ جا ڊالر هجن، دهشتگرديءَ خلاف جنگ جا ڊالر، دوست ملڪن جا ڊيپازٽ يا آءِ ايم ايف جا قرض، اهي وقت خريد ڪري سگهن ٿا، مستقبل نه. مستقبل برآمدات ناهين ٺيون، ڪارخانا ناهين ٺا، ٽيڪنالاجي ناهي ٿي، پڙهيل لکيل ٻار ناهين ٺا، عورت جي معاشي شموليت ناهي ٿي، زرعي پيداوار ناهي ٿي ۽ اها سيڙپڪار ناهي ٿو جنهن کي يقين هجي ته قانون ساڻس ساڳيو سلوڪ ڪندو جيڪو ڪنهن طاقتور سان ڪندو آهي. ٽيڪس به ان ئي اصول تي بيهڻ گهرجي؛ جنهن رياست ۾ پگهاردار ٽيڪس ڏئي ۽ وڏا واپاري، جائداد جا طاقتور مفاد، زرعي اشرافيه ۽ سياسي رسوخ وارا شعبا پنهنجي اثر سان بچي نڪرن، اتي ٽيڪس وصولي معاشي پاليسي نه، طبقاتي سزا بڻجي ويندي آهي. ۽ تعليم شايد سڀ کان وڏو محاذ آهي؛ جنهن قوم جا ڪروڙين ٻار مناسب تعليم کان محروم هجن، اها مصنوعي ذهانت جي دنيا ۾ مزدور نه برآمد ڪري سگهي ٿي، خيال نه. ايندڙ ڏهه کان پندرهن سالن تائين تعليم، غذائيت، آبادي جي منصوبابندي ۽ صحت کي ان ئي سنجيدگيءَ سان قومي ايمرجنسي سمجهڻو پوندو جنهن سنجيدگيءَ سان اسين سرحدي جنگ کي وٺندا آهيون.

۽ سڀ کان آخر ۾ سياست. پاڪستان کي هڪ قومي جمهوري معاهدو گهرجي؛ اهڙو سمجهوتو جنهن ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن اهو طئي ڪن ته چونڊ نتيجا رڳو اليڪشن ڪميشن ۽ عدالت جي آئيني عمل سان مٽبا، ڪنهن طاقتور آفيس مان نه؛ سياسي مخالف رياست جو دشمن نه ٺهرايو ويندو؛ حڪومت وڃڻ تي جيل ۽ اچڻ تي معافي جو چڪر ختم ٿيندو؛ اظهار راءِ جي حد قانون طئي ڪندو، سياسي پسند نه؛ ۽ ڪنهن پارٽي کي رڳو ان ڪري ميدان کان ٻاهر نه ڪيو ويندو جو ان جي مقبوليت ڪنهن کي ناگوار آهي.

هي رستو سولو ناهي. طاقت پنهنجون حدون پاڻ نه طئي ناهي ڪندي، مراعات يافته طبقا پنهنجي مراعات خوشيءَ سان نه ڇڏيندا آهن، ۽ سياستدان به پنهنجي لاءِ اهي ئي اصول پسند ڪندا آهن، جيڪي اقتدار ۾ سندن حق ۾ هجن. پر اسان وٽ شايد هاڻي گهڻو وقت ناهي. ٻه سؤ پنجاهه ملين کان وڌيڪ انسانن جو ملڪ قرض، سلامتيءَ جي بيانن، سياسي انجنيئرنگ ۽ وقتي ٻاهرين سهارن تي هميشه نٿو هلي سگهي. پاڪستان جي اصل جنگ پارٽ کان اڳ پنهنجي اندر موجود ناانصافي، جهالت، غربت، عدم برداشت ۽ غير آئيني طاقت خلاف آهي. شايد پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪنهن نئين نظرياتي ايجاد جي ضرورت به ناهي. رڳو اهو واعدو پورو ڪرڻو آهي جيڪو آئين اڳ ئي ڪري چڪو آهي. تڏهن شايد ورلڊ بئنڪ جي ايندڙ رپورٽ ۾ پاڪستان جو ذڪر ان ڪري نه هوندو جو خطي جا اڌ انتهائي غريب هتي رهن ٿا، بلڪ ان ڪري هوندو جو هڪ قوم آخرڪار سمجهي ورتو ته ملڪ رڳو رستن، ميزائلن ۽ بلند عمارتن سان مضبوط نه ٿيندا آهن؛ ملڪ تڏهن مضبوط ٿيندا آهن جڏهن هڪ غريب ماڻهو به اهو يقين رکي ته هيءَ رياست ايتري ئي سندس آهي جيتري ڪنهن جنرل، جج، وزير يا ارب پتيءَ جي. ۽ شايد پاڪستان جي بحاليءَ جي شروعات به اتان ئي ٿيندي، جتي طاقت جو خوف ختم ۽ شهريءَ جو يقين شروع ٿئي ٿو

## پنهنجي شاگرد کي رڳو پڙهندڙ نه بڻايو، سوال پڇڻ جو هنر سيکاريو!

مير قائم خان ٽالپر

5 آڪٽوبر دنيا ۾ استادن جو ڏينهن ڪري ملهايو وڃي ٿو. انهيءَ نسبت سان اڄ سوچيم ته ڇا ن آڪٽوبر جو مهينو هلي پيو، چوڻ اڄ استادن سان شاگردن جي باري ۾ ڪجهه ڳالهايون. جيڪي استادن جي ڏهاڙي تي کين مانُ عزت ۽ تحفا ڏئي پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪن ٿا ڇا اوهان استادن ڪڏهن پنهنجي ڪلاس جي اڳيان ويهي اِهو سوچيو آهي ته 'منهنجا شاگرد پڙهائيءَ ۾ دلچسپي ڇو نٿا وٺن؟' اوهان وضاحت ڪندا آهيو، ورجائيندا آهيو، مثال ڏيندا آهيو ۽ سوال پڇندا آهيو، پر پوءِ به ڪجهه شاگرد ڪلاس روم ۾ بيزار ويٺا هوندا آهن. توهان جا ڪجهه شاگرد پنهنجو پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهندا آهن. ڪو ڪهڙي ڏسندو رهندو آهي، ڪو ڪهڙي ڏانهن ڏسندي ڏسندي گهنٽيءَ جو انتظار ڪندو رهندو آهي ۽ ڪو جسماني طور ته توهان جي ڪلاس ۾ ويٺل هوندو آهي پر سندس دماغ ڪنهن ٻئي هنڌ هوندو آهي اِهو سوچڻ يا چوڻ آسان آهي ته شاگرد پڙهائيءَ بابت بلڪل سنجيده ناهن توهان کي انهن جي رويي تي الزام نه ڏيڻ گهرجي هاڻي هتي توهان کي پنهنجو پاڻ کان هڪ اهم سوال پڇڻ گهرجي ته 'آئون سکڻ جي عمل کي شاگردن جي لاءِ ڪيئن بامعنيٰ بڻائي سگهان ٿو؟' ڇاڪاڻ ته اڄ جا شاگرد مصنوعي ذهانت جي دور ۾ وڏا ٿي رهيا آهن سندن چوڌاري هر شيءِ تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿي رهي آهي ۽ هر شيءِ اهڙي نموني جوڙيل آهي جو اُها سندن ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي سگهي اوهان ٽيڪنالاجي يا مصنوعي ذهانت جو مقابلو نٿا ڪري سگهو، البته اوهان هنن ۾ تجسس کي پيدا ڪري هنن جي مدد ڪري سگهو ٿا ته اُهي انهيءَ جي اهميت ۽ مقصد کي سمجهن جيڪي ڪجهه هو انهيءَ ٽيڪنالاجي يا مصنوعي ذهانت مان سکي رهيا آهن.

اوهان کي پنهنجي شاگردن کي بحث ۾ حصو وٺڻ جا موقعا ڏيڻ گهرجن توهان انهن کي چئي سگهو ٿا ته اُهي ڪنهن مسئلي تي گفتگو ڪري انهيءَ مسئلي جو حل ڪڍن يا پنهنجن لفظن ۾ ڪنهن تصور جي وضاحت ڪن يا زندگيءَ جي ڪنهن حقيقي مسئلي جو حل تجويز ڪن آئون عرض ڪريان ته، هميشه رويي جي پويان جو اصل سبب ڳوليو جڏهن ڪو شاگرد توهان جي بحث ۾ حصو نٿو وٺي ته اوهان انهيءَ کي لاپرواهه يا بي پرواهه نٿا چئي سگهو پر انهيءَ جي اُن رويي جي پويان ٿي سگهي ٿو ته ڪو ٻيو سبب يا ڪا ٻي ڳالهه هجي ٿي سگهي ٿو ته هُو غلطيون ڪرڻ کان ڊڄندو هجي يا انهيءَ ۾ اعتماد جي کوٽ هجي توهان کي دلچسپي ڇو ناهي؟ اِهو پڇڻ جي بدران اوهان اِهو پڇو ته ڪهڙي ڳالهه اوهان لاءِ هن بحث ۾ حصو وٺڻ ڏکيو بڻائي رهي آهي؟ اِهو هڪ همدردانه سوال آهي جيڪو تنبيهن کان وڌيڪ ڪم ڪري سگهي ٿو. بار بار اِهو پڇڻ جي بدران ته ڇا توهان کي سمجهه ۾ اچي ويو؟ اوهان شاگردن کان اِهو پڇو ته توهان پنهنجي دوست سان انهيءَ جي وضاحت ڪيئن ڪندا؟ ياد رکو، جڏهن شاگرد سرگرم ٿي حصو وٺندو ته اُهي پنهنجي تعليم جي ذميواري پاڻ کڻڻ شروع ڪري ڇڏيندو. ڪڏهن ڪڏهن شاگرد ڪلاس ۾ انهيءَ ڪري دلچسپي وڃائي ويهندا آهن جو اُهي اِهو نٿا سمجهي سگهن ته جيڪي ڪجهه سکي رهيا آهن انهيءَ جو سندن روزمره جي زندگيءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ اوهان جو فرض آهي ته توهان اِهو تعلق قائم ڪريو. جيڪڏهن اوهان سائنس پڙهائي رهيا آهيو ته بحث ڪريو ته کاڌو ڇو ٿو خراب ٿئي يا موبائل فون ڇو ٿو گرم ٿي وڃي؟ توهان شاگردن کي رڳو ڪتابن تائين محدود نه رکو، پر کين عملي طور ڏيکاريو ته هُو حقيقي دنيا ۾ ڪٿي بيٺل آهن ۽ سندن سکيا جو عملي زندگيءَ سان ڪهڙو لاڳاپو آهي. ياد رکو، پنهنجي شاگردن کي غلطيون ڪرڻ جي آزادي ڏيو، ڇاڪاڻ ته شاگردن جي دلچسپي نه وٺڻ جو هڪ اهم سبب غلط ٿيڻ جو خوف پڻ آهي. جڏهن شاگردن جي غلط جواب ڏيڻ تي ڪجهه شاگرد کلندا آهن يا استاد انهن جي لاءِ سخت رويو اختيار ڪندو آهي، جنهن جي ڪري هُو بحث ۾ حصو وٺڻ ئي بند ڪريو ڇڏين. اوهان اهڙو ماحول بڻائي سگهو ٿا جتي شاگرد اِهو چوندي خود کي پُرسڪون محسوس ڪن ته آئون نٿو ڄاڻان، آئون سوچيان ٿو يا ڇا سائين آئون ٻيهر ڪوشش ڪري سگهان ٿو؟ اوهان جو جواب ها ۾ هجي ڇاڪاڻ ته غلطي ڪرڻ ڪا ڳالهه نه آهي. اُتي اوهان جو رويو اوهان جي شاگرد کي سکڻ جي طرف وٺي وڃي سگهي ٿو.

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، منهنجي چوڻ جو مقصد اِهو آهي ته استاد پنهنجي شاگرد کي پنهنجو پاڻ تي يقين ڪرڻ سيکاري، انهيءَ جو نتيجو اهڙو نڪرندو جو ڪلاس ۾ هر شاگرد سڀ کان وڌيڪ نمبر کڻندڙ نه بڻبو پر هر شاگرد اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ضرور ڪندو اوهان کي شاگرد جي حقيقي ڪوشش جي ساراهه ڪرڻ گهرجي. بهتري کي تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ شاگردن کي ٻيهر ڪوشش ڪرڻ جا موقعا ڏيڻ گهرجن جڏهن ڪو شاگرد جيڪو ماضي ۾ ڪڏهن چوندو هوندو ته 'آئون هي نٿو ڪري سگهان' آخرڪار اُهو ئي شاگرد چوندو ته 'مون کي ڪوشش ڪرڻ ڏيو' هن جي انهن لفظن مان ظاهر ٿيندو ته هن جي سکڻ جو عمل شروع ٿي چڪو آهي يعني پنهنجي لفظن ۾ آئون اِهين چوان ته اوهان جي ڪوشش شاگردن جو رويو بدلائي سگهي ٿي انهيءَ جو سبب اِهو آهي ته اوهان هر انهيءَ شيءِ کي ڪنٽرول نٿا ڪري سگهو جيڪا اوهان جا شاگرد ڪلاس روم جي ٻاهر ڏسن ۽ ڪن ٿا پر اوهان انهيءَ سکڻ واري ماحول کي ڪنٽرول ڪري سگهو ٿا جيڪو توهان پنهنجي ڪلاس روم جي اندر بڻايو ٿا. توهان پنهنجي شاگردن کي اِهو احساس ڏياري سگهو ٿا ته انهن جا سوال خوش آمديد آهن انهن جون غلطيون سکڻ جوڳيون آهن ۽ استاد انهن تي يقين رکي ٿو اوهان کي هر سبق کي دلڪش بڻائڻ جي ضرورت ناهي، توهان کي سکڻ جي عمل کي بامعنيٰ بڻائڻو آهي. ياد رکو، جڏهن اوهان معنيٰ پيدا ڪندا ته اوهان ڌيان حاصل ڪندا، جڏهن اوهان تعلق بڻائيندا تڏهن اوهان اعتماد پيدا ڪندا، جڏهن توهان سوالن جي حوصلا افزائي ڪندا ته توهان تجسس بيدار ڪندا ۽ جڏهن توهان تجسس بيدار ڪندا ته اوهان کي پنهنجي شاگردن کي سکڻ تي مجبور نه ڪرڻو پوندو، اُهي پاڻ سکڻ شروع ڪري ڇڏيندا.

آخر ۾ آئون ڪجهه اهڙيون ڳالهيون اوهان جي اڳيان رکان ٿو جيڪي منهنجي نظر ۾ شاگرد هڪ استاد مان توقع ڪن ٿا. اوهان جا شاگرد چاهين ٿا ته اوهان انهن جا سوال خيال ۽ مسئلا ٻڌو جڏهن توهان ڌيان سان انهن جا سوال ٻڌندا آهيو ته اُهي پنهنجو پاڻ کي اهم محسوس ڪندا آهن جڏهن ڪو شاگرد چوندو آهي 'موتڪي هيءُ سبق سمجهه ۾ ناهي آيو' ته توهان کي صرف وضاحت نه ورجائڻ گهرجي بلڪ اوهان کي شاگرد کان پڇڻ گهرجي ته 'تنهنجي لاءِ ڪهڙو حصو ڏکيو آهي؟' هن سان اوهان کي اصل مسئلو معلوم ڪرڻ ۽ شاگرد جي بهتر مدد ڪرڻ ۾ مدد ملي ويندي ۽ هُو به اوهان جي رويي جي ڪري اڳتي وڌڻ جي پوري ڪوشش ڪندو. ياد رکو، هر شاگرد عزت سان پيش اچڻ جو مستحق آهي جڏهن توهان غلطيون درست ڪرڻ وقت شفقت سان ڳالهائيندا آهيو ته شاگرد پنهنجو پاڻ کي محفوظ محسوس ڪندا آهن انهيءَ ڪري جو احترام هميشه اعتماد پيدا ڪندو آهي انهيءَ سان شاگردن کي اعتماد سان ڪلاس روم ۾ قدم رکڻ ۾ مدد ملندي آهي جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو ته به اوهان کي اِهو ناهي چوڻو ته 'هي بلڪل غلط آهي' اوهان هُن کي چئي سگهو ٿا ته 'سٺي ڪوشش هئي' اچو ته هن تي هڪ ڀيرو ٻيهر نظر وجهون' انهيءَ مان اهو نتيجو نڪرندو ته اوهان شاگرد جي اعتماد کي برقرار رکندي غلطي کي درست ڪرائي سگهو ٿا. آئون عرض ڪريان ته شاگرد استاد مان هميشه دلچسپ تدريس جي توقع رکندا آهن ڇو ته شاگرد رڳو حقيقتون نٿا چاهين، اُهي سمجهڻ چاهين ٿا. اُهي اِها تعليم کي هڪ آسان ۽ سمجهڻ جوڳي طريقي سان انهن تائين پهچايو. توهان سکڻ جي عمل کي دلچسپ ۽ بامقصد بڻائڻ جي لاءِ حقيقي زندگيءَ جا مثال ۽ عملي سرگرميون ۽ سوالن جو استعمال ڪري سگهو ٿا. يعني حقيقي زندگيءَ جا مثال هڪ ڏکئي سبق کي هڪ دلچسپ تجربي ۾ بدلائي سگهن ٿا. آئون عرض ڪريان ته هر شاگرد هڪ ئي رفتار سان نٿو سکي سگهي، پنهنجي نوجوان استادن کي اِهو عرض ڪندس ته اوهان جا ڪجهه شاگردن کي اضافي حوصلا افزائي جي ضرورت هوندي آهي. ياد رکو اوهان جا شاگرد واٽرلو جي جنگ جي تاريخ يا علمي جنگ جا سانحا وساري سگهن ٿا، پر اُهي اِهو ڪڏهن به نه وساريندا ته اوهان کين ڪهڙو احساس ڏياريو. سائين ڪهڙو ورتاءُ ڪيو ۽ ڪين ڪهڙي نموني سمجهايو. شاگرد هميشه هڪ اهڙي استاد کي چاهين ٿا جيڪو ٻڌي، جيڪو احترام ڪري، جيڪو حوصلا افزائي ڪري، جيڪو مدد ڪري ۽ جيڪو هنن تي يقين رکي. شاگردن کي هڪ اهڙي استاد جي ضرورت آهي جيڪو انهن جي تعليم جي شدت سان پرواهه ڪري. عام استاد سبق سيکاريندا آهن، بهترين استاد سکڻ جي سمجهاڻ پيدا ڪندا آهن.

## اچوڪو ڏينهن ---- 10 آڪٽوبر

### خانبهادر غلام حسين لوتي

خانبهادر غلام حسين لوتي انگريزن جي دور جو مشهور سرڪاري آفيسر هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي خانبهادر غلام حسين 1801ع ڌاري ٺٽي شهر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو سندس وڏا اصل ۾ ايران جي مزارداري قبيلي سان واسطو رکندا هئا، جيڪي 1559ع ڌاري اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا هئا. غلام حسين لوتي انگريزن جي دور ۾ گڏيل هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اهم سرڪاري عهدن تي فائز رهيو هو عراق ۽ ايراني نار ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون 1843ع ۾ سنڌ ۾ ٽالپر گهراڻي جي حڪومت جو خاتمو آيو ۽ سنڌ جو ملڪ انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويو انهيءَ ئي سال انگريز سرڪار خانبهادر غلام حسين لوتيءَ کي ڪراچيءَ جو پوليس چيف مقرر ڪيو هي انگريز دور جو پهريون مقامي پوليس عملدار هو جنهن ڪراچيءَ ۾ جديد پوليس جو نظام متعارف ڪرايو سندس خدمتن کي مڃتا ڏيندي انگريز سرڪار ڪيس خانبهادر سميت ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو هو جا بمبئيءَ جي گورنر سر بارٽل فريئر سان سنا لاڳاپا هئا. بارٽل فريئر ڪيس هڪ ڊبل بيرئير بندوق تحفي طور ڏني هئي خانبهادر غلام حسين ڪراچيءَ جي ڪرادر واري علائقي ۾ امام بارگاهه قائم ڪئي تاريخ 10 آڪٽوبر 1891ع تي جڏهن هن وفات ڪئي ته ڪيس انهيءَ ئي بارگاهه جي احاطي ۾ دفنايو ويو.

### استاد محمد جمن



اڄ سنڌ جي مهان راڳيءَ استاد محمد جمن جي پيدائش جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن عظيم راڳيءَ جو جنم 10 آڪٽوبر 1935ع ڌاري بلوچستان جي لسٻيلي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ٿيو سندس والد احمد سخيراڻي به هڪ سٺو موسيقار ۽ سرندي نواز هو محمد جمن پنهنجي آواز جو سفر ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي هڪ سرندي نواز جي حيثيت ۾ ڪيو اڳتي هلي ساڳيءَ ريڊيو اسٽيشن تي موسيقار جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو 1955ع ۾ هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان هڪ موسيقار جي حيثيت سان سلهاڙجي ويو هن نه فقط پاڻ سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام کي پنهنجي منڊي آواز ۾ هوائن جي آڌار تي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ تائين پهچايو بلڪ ٻين به ڪيترن ئي راڳيندڙن کي موسيقيءَ جي سکيا ڏني مشهوريءَ جي اعليٰ مقام تي پهچايو ريڊيو پاڪستان جي لائبريءَ ۾ موجود سندس ڳايل سوين صوفي ڪلام اڄ به من کي موهي وجهن ٿا هن ڪافيون ڪلام، غزل قومي نغما ۽ گيت خوبصورت انداز ۾ ڳايا آهن سندس ڪلامن وسيلي پلاڻي پٽ ڏٺي ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام عوام تائين پهتو هوئڻ ته سندس سمورا ڳايل ڪلام مشهور ٿيا پر 'منهنجو ملڪ ملير ڪوٺن پر آئون ڪيئن گذاريان'، 'يار ڏاڍي عشق آتش'، 'رائل توين رات' ۽ 'عشق هاڻي ڪجي ڪنهن سان جان جو جانان نه رهيو' اڄ ڏينهن تائين پسند ڪيا وڃن ٿا. ريڊيو سان گڏ هن پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو هو سنڌي فلم 'تنهنجون ڳالهيون سڄڻ' ۽ اردو فلم 'ڪلو' لاءِ به ڳاتا ڳايا. پاڪستان سرڪار 1980ع ۾ سندس فن کي مڃتا ڏيندي هن لاءِ حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي جو اعلان ڪيو سنڌ جي ثقافت واري کاتي پاران سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ سندس موسيقيءَ جي هڪ گئلري کولي وئي آهي ڪيس شاهه لطيف ۽ سچل ايوارڊ حاصل ڪرڻ جو به اعزاز نصيب ٿيو سنڌ جي هن مهان راڳيءَ 24 جنوري 1990ع تي پره ڦٽيءَ ويلي هن دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو سندس مزار ڪراچيءَ جي ميوا شاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

### مختيار انڙ


مختيار انڙ

۾ خدمتون سرانجام ڏنيون 1996ع ۾ رٽائر ٿي ويو هو ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار طور سڃاتي وڃي ٿي هن جي ڪهاڻين جي مجموعن ۾ 'محبت جو ڏينهن'، 'مهانگي مرڪ' ۽ 'موڪش' شامل آهن هن کي سندس ڪتاب مهانگي مرڪ تي ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ سان نوازيو ويو.

### ناظر منگي

هن مشهور شاعر جو جنم 10 آڪٽوبر 1939ع تي تعلقي ميهڙ جي شهر ٽرڙ محبت ۾ ٿيو هن جو اصل نالو امان الله ۽ والد جو نالو محمد بچل منگي هو شاعريءَ ۾ 'ناظر' سندس تخلص هو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوڪريءَ مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو هن عملي زندگيءَ جي شروعات فيلڊ اسسٽنٽ طور ڪئي هن ڪجهڙي عمر کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ مرحوم احمد خان آصف کان رهنمائي ورتائين هو سندس شاعري سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجي هو ادبي تنظيمن 'بزم اڪبر' ۽ 'بزم لطيف' جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'داستان محبت' ۽ 'سنڌوءَ ڇوليون' شامل آهن هن 14 جولاءِ 1998ع تي وفات ڪئي.

### آغا تاج محمد



اچوڪو ڏينهن مشهور تعليمي ماهر اديب ۽ منتظم آغا تاج محمد جي ياد ڏيارڻ ٿو اڄ جنهن جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي آغا تاج محمد 16 سيپٽمبر 1904ع تي سکر ضلعي جي ڳوٺ باڳڙجي ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان ميونسپل هاءِ اسڪول سکر مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ بي ٽي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مدرسي هاءِ اسڪول ۾ استاد طور ڪيائين ان بعد تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس ۽ خيرپور ۾ ڊائريڪٽر آف اسڪولس طور خدمتون سرانجام ڏنائين هو سڄا سارا 12 سال سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار پڻ رهيو هن کي ادبي سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين سان گڏ راندين سان خاص دلچسپي هئي هو صوبائي اسڪائوٽ ڪمشنر، روٽري ڪلب جو ميمبر، پٽ شاهه ميموريل ڪائونسل جو ميمبر ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪلچر سينٽر جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو انگريز سرڪار پاران ڪيس 'قيصر هند' ۽ 'خان صاحب' جو خطاب به مليو هن 24 ڪتاب لکيا، جن مان اڪثر درسي آهن 'آغا' تخلص سان شاعري به ڪيائين هن 10 آڪٽوبر 1959ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي سندس نالي سان قاسم آباد حيدرآباد ۾ 'آغا تاج اڪيڊمي' قائم ڪئي وئي.

### اسرار لغاري

اسرار لغاري ٽيليويزن جو مشهور اداڪار آهي سندس جنم 10 آڪٽوبر 1960ع تي مٽياري ضلعي جي مشهور ڳوٺ تاجپور ۾ ٿيو سندس والد حيدر علي لغاري سنڌ جو مشهور اديب ۽ تعليمي ماهر هو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين ان بعد سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ تعليم حاصل ڪيائين هن 1979ع ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جي سفر جي شروعات ڪئي سندس پهريون ٽيليويزن ڊرامون 'پٿر ٿئي پاتال' هو جنهن جو هدايتڪار ٻيبل مسرور هو ڪيس پاڪستان ٽيليويزن تي نواب مهنيءَ متعارف ڪرايو ان بعد هن پاڪستان ٽيليويزن جي ٽاٽڪ رنگ سلسلي جي سوين ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. ڪجهه اردو ڊرامن ۾ پڻ اداڪاري ڪيائين هو اسٽيج ڊرامن ۾ به هدايتڪار اداڪار طور ڪم ڪندو رهيو آهي

### مايا راهي

هندستان جي هن مشهور سنڌي ليکڪا جو جنم 10 آڪٽوبر 1937 تي ڪوئيٽا بلوچستان ۾ ٿيو هوءَ مشهور ليکڪ ڪرشن راهيءَ جي گهرواري آهي هن بي ايڊ ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون ۽ 36 سال تعليم کاتي

### خليل ڪوسو



هن ليکڪ، محقق ۽ تعليمي ماهر جو جنم 10 آڪٽوبر 1967ع تي ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ حاجي علي محمد ڪوسي ۾ ٿيو هن پرائمري تعليم مسڻ وڏيءَ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مختلف مدرسن مان فارسي عربي ۽ ديني تعليم به حاصل ڪيائين هن مولوي فاضل عربي ۽ مئٽرڪ جا امتحان پاس ڪيا ۽ 1995ع ۾ عربيءَ جو استاد مقرر ٿيو هو هڪ سٺو شاعر ۽ نثر نويس آهي شاعريءَ ۾ مولانا عبدالڪريم لغاري سندس استاد آهي هن جي لکيل ڪتابن ۾ 'ضلعي ٺٽي ۽ ٺٽي جا تاريخي ماڳ مڪان'، 'سنڌ جا ٺنڊا'، 'خيالات خليل' ۽ 'لهار جو وٺايو' شامل آهن

### عبدالجبار عاجز منگي

هن نامور شاعر اچوڪي ڏينهن تي 1972ع ۾ ڳوٺ چني منگي تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ غلام رسول منگيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو هن بي اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون آهن ۽ اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪري رهيو آهي هن مشهور اديب ارباب علي عادل چوهان جي سرپرستيءَ ۾ 1990ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو هن شاعريءَ جي مختلفن صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي جن ۾ حمد، نعتون، وايون، ڪافيون، چوسٽا، بيت ۽ غزل وغيره شامل آهن هن نياز مسرور بڙويءَ سان گڏجي سگهڙ گل محمد فقير لهريءَ جو ڪلام ترتيب ڏئي 'عشق جي اصل ڳالهه ته ڪر' نالي سان ڇپرايو آهي

### سرتاج پٽو

لاڙڪاڻي ضلعي سان واسطو رکندڙ هن مشهور شاعر جو جنم 10 آڪٽوبر 1977ع تي شير محمد پٽي جي گهر ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم بنگل ديري مان حاصل ڪئي ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان رتيديرو مان پاس ڪيو هن 1990ع ڌاري قاضي مقصود گل جي رهنمائيءَ ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر غزل سندس پسنديده صنف آهي هن جي شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي سندس ڪجهه شاعري مرتضيٰ لغاريءَ جي ترتيب ڏنل گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب 'برکا بوند بهارجي' ۾ شامل آهي

ڪي سنڌ جي عوام جي جذبن ۽ احساسن ڪي سمجهڻ گهرجي هن پڻ 15 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجتماع ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي تاري تحريڪ جي صدر حاڪم زادي ڦيبي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ جا ست ڪروڙ عوام بهادر عورتن ۽ نوجوانن جي موجودگيءَ ۾ سنڌ جي ورهاڱي کي ممڪن بڻائي نٿو سگهجي هن چيو ته متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاران سنڌ جي ورهاڱي بابت ڳالهيون عوام ۾

علاج جي ضرورت موجب ڪيس سول اسپتال منتقل ڪيو ويندو آهي هن وضاحت ڪندي چيو ته ٽراما سينٽر بنيادي طور تي هنگامي طبي امداد فراهم ڪرڻ ۽ مريض جي حالت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي، تنهن هوندي به ڪجهه مريض ابتدائي طبي امداد کان پوءِ به اتي ئي مڪمل علاج ڪرائڻ تي اصرار ڪندا آهن جيڪو سينٽر جي بنيادي دائري ڪار ۾ شامل ناهي دوري دوران ريجنل ڊائريڪٽر احمد علي

ڪيس ۾ نامزد ٿيل جوابدار گرفتار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 21 روزاني عبرت

موقعي تي اڳواڻن وڪيل ڪلهوڙو جاويد پنهور صديق سروهي جبار آريجو ۽ ٻين چيو ته مقتول نوجوان عجيب آريجو کي 10 ڏينهن اڳ ڏينهن ڏٺي جو وچ شهر ۾ گولين هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو مقتول نوجوان جو ڏوهه صرف ايترو هيو جو

ڪلهوڙو ڪپ رانديڪن جي هن ايونٽ ۾ ڪرڪيٽ، فٽبال ۽ ٿرو بال جون 33 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن ان موقعي تي جنرل مئنيجر خرم سليم چيو ته رانديون ذريعي نوجوانن ۾ نظم ۽ ضبط، ٽيم ورڪ ۽ قيادت جون صلاحيتون پيدا ٿين ٿيون جيڪي سنڌن شخصيت جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون هن چيو ته ايف ايف سي سي ايس آر هيڊ ڪرنل عبدالخالق جي اڳواڻيءَ ۾ تعليم، رانديون ۽ سماجي ڀلائيءَ

لاشاري ۽ ياءِ ممتاز لاشاري جن جون جن هيٺري محبت ڏٺي وڏن جون سارڻيون ياد ڏياريون آهن هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به علائقي جي ترقيءَ جو بنياد روڊ ۽ رستا هوندا آهن MPA غلام قادر چانڊيو هن ڳوٺ کي رستو ڏئي ڳوٺ جي ترقيءَ جا گس کوليا آهن ان شاءَ الله لاشاري برادري پاران جيڪا محبت ملي آهي ان کي قائم رکنداسين سانجهاندي ۽ آجپائي جي ڳڏيل

...

سيد غلام مصطفيٰ شاهه تي پڌايو ته هن جي وڏن جو اوهان جي وڏن سان ڳڙيل چڻن پيڙهين کان پراڻو تعلق رهندو اچي ان ڪري اڄ جي نوجوان اوهان جي مان ۾ مانجهاندي جو اهتمام ڪري وڏن جي روايت کي قائم رکيو آهي جنهن تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڳالهائيندي چيو ته مهربانيون ياءِ رفيق

مقامي ماڻهن کي اوليت جي بنياد تي روزگار فراهم ڪيو وڃي ۽ علائقي جي نوجوانن سان ٿيندڙ مبينا ناانصافي جو نوٽيس ورتو وڃي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڪمپني انتظاميا کي مقامي ماڻهن جا جائز حق ڏيڻ جو پابند بڻايو وڃي

# پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

## بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 40 سال 2026.

## سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر( ليگل سروس)هيڊ آفيس ايس ايس جي سي ڪراچي سيد علي حسن علمدار ولد سيد علمدار حسين ، مسلمان، بالغ ذريعي ..........مدعي

### خلاف

شير افضل خان ولد معين خان ، بالغ ، مسلم ، ڪاروبار:بصر فراءِ ڪرڻ ، واقع A-33، گلشن خير محمد سائيٽ حيدرآباد ، گهر نمبر: D-82، مير نبي بخش ٽائون، قليلي، ٽاٽو ٽنڊو يوسف ..........مدعا عليہ

ڏانهن،

**مٿي ڄاڻايل مدعاعليه**

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20% مارڪ اپ سميت 9,62,202 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ،08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم..............

**(رئيس احمد شيخ)**

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت — BY ORDER

PID (K)1175/26

# پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

## بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 36 سال 2026.

## سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر/ ليگل سروس ريجن آفيس لاڙڪاڻو محبوب ولد محمد منير شيخ ذريعي ..............................مدعي

### خلاف

معين اختر ولد معشوق علي ، بالغ ، مسلم ، ڪاروبار مٺائي تاهڻ ، واقع جمعہ ڳوٺ، نزد ڊالينس فيڪٽري ، هالي روڊ ، حيدرآباد..................مدعا عليہ

ڏانهن،

**مٿي ڄاڻايل مدعاعليه**

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20% مارڪ اپ سميت 1,813,300 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 20.10.2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ،08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم..............

**(رئيس احمد شيخ)**

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت — BY ORDER

PID (K)1178/26

# CLASSIFIED ADVERTISMENT

## ڪورٽ نوٽيس

**ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC-II ميرپورخاص**

**سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2024**

فيصل شهزاد ولد نور احمد مسلم بالغ ذات ناريجو رهندڙ گهر نمبر D-353 اسڪيم نمبر 2 سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ..اپليڪينٽ ...بخلاف (1) شاهين ناريجو بيواهه نور احمد (2) نائلا ڏاهري زال اويس الله ڌيءُ نوراحمد (3) ماريہ نور ڌيءُ نور احمد رهندڙ جرمني (4) ڪائنات نور ڌيءُ نور احمد (5) سلميٰ ناريجو ڌيءُ نوراحمد (6) پريسا ناريجو ڌيءُ نور احمد (7) اميمہ ڌيءُ نور احمد(مائنر) رهندڙ گهر نمبر D-353 اسڪيم نمبر 2 سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص (8) حبيب بينڪ لميٽڊ بينڪ روڊ برانچ ميرپورخاص (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. ريسپونڊنٽس

**مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:**

جيئن تہ مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 278 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي ليٽر آف ايڊمنسٽريشن حاصل ڪرڻ لاءِ فار رڪوري آف اماؤنٽ/ پاس بڪ جيڪو حبيب بينڪ لميٽڊ بينڪ روڊ برانچ ميرپورخاص وٽ نالي نور احمد ولد عنايت الله ناريجو رکيل آهي رقم وصول ڪرڻ ڪانپوءِ حصو تمام قانوني وارثن ۾ تقسيم ڪيو ويندو تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 17-10-2026 تي وقت 8:30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC-II ميرپورخاص**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص**

**گارڊين سوٽ 38 نمبر سال 2026**

مسمات زيب النساء بيواهہ محمد هارون رهندڙ جگنو ٽائون ميرپورخاص ..اپليڪينٽ ...بخلاف..(1) ممتاز(2) مسمات انمول بشي ڌي پٽ محمد هارون (3) جنرل پبلڪ ..اپوننٽس (1) غلام مصطفيٰ (2) غلام مرتضيٰ (3) مهرين سڀ پٽ ڌيئرون محمد هارون.. مائنر

**مٿين اپوننٽس ڏانهن:**

# مقصودو رند ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، عورت فوت، 2 ڄڻا زخمي

## معروف ڏاهري اسٽاپ وٽ شهدادپور-نوابشاهه روڊ تي ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

## حادثي جي نتيجي ۾ 35 ورهين جي نظيران ٽالپر فوت، سندس مڙس ۽ ڌيءُ سخت زخمي ٿي پيا

## زخمين کي اسپتال منتقل ڪري طبي امداد ڏني وئي، حادثي بعد ڪار ڊرائيور فرار، پوليس ڪار کي تحويل ورتو

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند پرسان روڊ حادثي موٽر سائيڪل تي سوار 3 ڀاتين جي ماءُ فوت، سندس مڙس ۽ ڌي زخمي خبر موجب مقصودو رند ويجهو معروف ڏاهري اسٽاپ وٽ شهدادپور نوابشاهه روڊ تي معروف ڏاهري اسٽاپ شيخ رستي تي تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڳوٺ دلبر خان ٽالپر واسي 35 ورهين جي مسمات

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سکر: ميراڻي محلي ۾ گٽرن جو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهين

# سکر: ميراڻي محلي ۾ گٽرن جو پاڻي گهرن ۾ داخل، رهواسين جو احتجاج

## پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بند هجڻ سبب گهٽين ۽ گهرن ۾ گندو پاڻي بيٺل آهي:مظاهرين

## ميونسپل ڪمشنر ۽ ايڪسين کي لکت ۾ شڪايتون باوجود مسئلو ناهي ٿي سگهيو

سکر(بيورو رپورٽ) يوسي 6 جيئي شاهه ڪالوني ميراڻي محلي جا رهواسي ميونسپل ڪمشنر توڙي ايڪسين ۽ يوسي چيئرمين خلاف ميدان تي نڪري آيا، پمپ اسٽيشنز بند هجڻ سبب گٽرن جو گندو پاڻي گهرن ۽ گهٽين ۾ داخل، ماڻهون مصيبت ۾ اچي ويا، ميونسپل ڪارپوريشن خلاف گندي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

# سکر چاچڙ برادري جي عورتن جو قتل ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ حراسان ڪرڻ خلاف احتجاج

## سونيا چاچڙ پنهنجي سس سگهران کي پنهنجي ماڻهن سان ملي ڪري قتل ڪيو: مظاهرين

## جوابدار نه ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ شهزادو چاچڙ مٿان جنسي ڏاڍائي جو ڪوڙو الزام هڻي رهيا، نوٽيس ورتو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد لڳ بس اسٽاپ سکر جي رهواسي چاچڙ برادري جي عورتن ۽ مردن پاران مقتول سگهران چاچڙ جي قتل ۾ ملوث سندس ننهن سونيا چاچڙ ۽ ٻين جوابدارن پاران ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڪوڙا ڪيس ڪري حراسان ڪرڻ خلاف

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

# حيدرآباد زيل پاڪ ڪالوني واسي جو پاءُ جي قتل خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد زيل پاڪ ڪالوني جي رهواسي لطف علي جمالي پنهنجي ڀاءُ جي قتل ٿيڻ بعد انصاف نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ان دوران هن ٻڌايو ته 17 سال اڳ 2009 ۾ جوابدارن ڏني سومان قادو ۽ ٻين سندس ڀاءُ محمد مراد کي قتل ڪيو ويو هو جنهن جي ايف آءِ آر شهداد ڪوٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر اڃا ۾ جوابدارن دٻاءُ وجهي فيصلو ڪرايو جن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

# راڌڻ ۽ ٺرڙي محبت ۾ سردار غلام دستگير ڳوري جي سالگرهه جون تقريبون، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين سردار غلام دستگير ڳوري جي راڌڻ ۽ ٺرڙي محبت ۾ سالگرهه ملهائي وئي ڪيڪ ڪاٽيا ويا خبر موجب پ پ ضلع دادو جي سينئر نائب صدر ۽ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڌڻ سردار غلام دستگير ڳوري جي سالگرهه جي خوشيءَ ۾ راڌڻ ٽائون ڪاميٽي جي ٽائون آفيسر مشتاق احمد سومرو ۽ ٽائون ڪاميٽي جي ملازمن پاران ٽائون آفيس راڌڻ ۾ تقريب منعقد

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

# ڪنڊڪوٽ گندي پاڻيءَ سبب ڳوٺ غلام حسين چاچڙ جا سوين گهر پاڻي هيٺ

## شهر جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب روڊ رستا ٻڏي ويا، مختلف بيمارين منهن ڪڍيو

## مليريا، ڊينگي ۽ چمڙي جي بيمارين پکڙجڻ لڳيون، نانگن ۽ وڇون جي اچڻ سبب رهواسي خوف ۾ مبتلا

## چونڊيل نمائندن ۽ ڊپٽي ڪمشنر کان فوري نوٽيس وٺي گندي پاڻيءَ جي نيڪال ۽ مسئلو حل ڪرڻ جو مطالبو

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ شهر جي يونين ڪائونسل نمبر 4 وارڊ نمبر 16 مسڻ موڙ کان وٺي ڳوٺ حاجي غلام حسين چاچڙ تائين ڪنڊڪوٽ شهر جو گندو پاڻي سيلابي ٻوڏ واري صورتحال سوين گهر پاڻي هيٺ اچي ويا 30 هزار روٽ بينڪ رڪنڊڙ گوليمار جي علائقي ڳوٺ حاجي غلام حسين چاچڙ ۾ ڪنڊڪوٽ شهر جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب گهرن ۾ داخل گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري شهر جو مک رستو جي حالت جي ڳوٺ ۾ خطرناڪ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

# راڻي پور: پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج، علامتي بک هڙتال

## وائيس آف راڻي پور پاران انجنيئر آفيس اڳيان مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

## عملي ٺيڪيدارن سان ملي ڀڳت ڪري ڪاغذن ۾ ڪم مڪمل ڏيکاري ڪرپشن ڪئي آهي:مظاهرين

## ذميوارن خلاف ڪارروائي ۽ ترقياتي ڪم جلد مڪمل ڪرائڻ جو مطالبو احتجاج وڌائڻ جو عنديو

راڻي پور (ن ع) پبلڪ هيلٿ کاتي راڻي پور ۾ فيل ڪرپشن ۽ ڪم نه ڪرائڻ خلاف وائيس آف راڻي پور جي طرفان پبلڪ هيلٿ کاتي راڻي پور جي آفيس سامهون بينر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي پبلڪ هيلٿ انتظاميا ڪاغذن ۾ ڪم مڪمل ڏيکاري ڪروڙين رپين جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد : گرفتار صحافي غفور سروهي عدالت ۾ ويندل آهي

# فيض گنج: ممتاز راڄپر جي قتل جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

فيض گنج (ن ع) ڪوٽ لالو ٿاڻي جي حد علي آباد وٽ هٿياربندن هٿان قتل ڪيل ممتاز راڄپر جي قتل ۾ ملوث جوابدار هڪ مهينو گذرڻ باوجود جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا سندس پٽ پاران جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ممتاز راڄپر جي پٽ شهباز خان راڄپر سٽي پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته بابا کي بي گناهه 22 گولين هڻي قتل ڪيو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راڻي پور: پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

# کپرو: ٽنڊو مٺاخان ۾ چوريءَ جو آزار وڌي وڃڻ خلاف شهرين جي شٽر بند هڙتال

## چوريءَ جي وڌندڙ وارداتن خلاف شهرين جو ڪاروباري مرڪز بند مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

## شهر ۾ چوريءَ جي وڌندڙ وارداتن سبب شهري سخت پريشان آهن، مال ۽ ملڪيت لاءِ قدم کنيا وڃن:مظاهرين

## اعليٰ اختياريون چوريءَ جي وارداتن تي ضابطو آڻي جوابدارن خلاف ڪارروائي ۽ امن امان بهتر بڻائين

کپرو (ت ر) ٽنڊو مٺاخان ۾ چوريءَ جو آزار وڌي ويو شهرين جو شٽر بند هڙتال احتجاج، پوليس کان تحفظ جو مطالبو چوڪيدارين ٿاڻي جي حد ٽنڊو مٺاخان ۾ چوريءَ جي وڌندڙ وارداتن خلاف شهرين پاران شٽر بند هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو جنهن سبب شهر ۾ ڪاروباري بند رکي احتجاج ڪيو شهرين چوريءَ جي وارداتن تي ڪنٽيءَ جو اظهار ڪندي پوليس کان امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ ۽ چورن خلاف سخت ڪارروائيءَ جو مطالبو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

کپرو: ٽنڊو مٺاخان ۾ چوريءَ جو آزار وڌي وڃڻ خلاف شهرين جي شٽر بند هڙتال جو ڏيک

# ٽنڊو آدم: ڪاليج استادن جا انتظامي عهدا ختم ڪرڻ واري تجويز خلاف سپلا جو احتجاج

## استادن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج، ترقيءَ جا موقعا برقرار رکڻ جو مطالبو

## عهدن بابت ڪنهن به فيصلي کان اڳ سپلا سان صلاح مشوري ۽ استادن جا جائز حق محفوظ رکڻ جو مطالبو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ ڪاليج استادن جي ترقيءَ جا موقعا محدود ڪرڻ واري تجويز خلاف سپلا جو احتجاج، انتظامي عهدن جي تحفظ جو مطالبو رپوٽ موجب گورنمينٽ نيو علي ڳوٺ ڊگري ڪاليج

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

# اسان جي ڪوشش هوندي آهي ته تڪ جي ماڻهن جا وڏ کان وڏ ڪم ڪرائيون:اياز شاهه شيرازي

## پيپلزپارٽي سنڌ جي ورهاڱي جي خلاف آهي سنڌ هڪ آهي ۽ انشاءَ الله هڪ رهندي

## اياز شاهه شيرازي جو يو سي ڪامارو ۾ سردار اصغر سومرو پاران ڏنل ماني ۾ آجياڻي کي خطاب

ميرپوربٺورو (ن ع) پ پ جو منشور اهو ٿي عوام جي خدمت ڪرڻ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو هر وقت اها ڪوشش هوندي آهي ته سنڌ ۾ وڌ کان وڌ ترقياتي ڪم ٿين اهڙن خيالن جو اظهار پ پ سجاول جي محنتي ايم اين اي سيد اياز

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

# پنوعاقل: گرلز پرائمري اسڪول ۾ ماستريائيءَ جي غيرحاضري خلاف والدين جو احتجاج

## ڳوٺ سمون چاچڙ جي اسڪول ۾ مقرر ماستريائيءَ گهر ويٺي پگهار کڻي ٿي:مظاهرين

## استاد جي مسلسل غيرحاضري سبب ٻارڙين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

پنوعاقل(ن ع) ڪچي جي علائقي ڳوٺ سمون چاچڙ ۾ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول قاسم چاچڙ ۾ فيميل ٽيچر جي مسلسل غيرحاضر رهڻ ۽ گهر ويٺي پگهار وصول ڪرڻ واري معاملي خلاف والدين ۽ شاگردياڻين پاران اسڪول جي احاطي ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

# گهوٽڪي: ميرپورماٿيلو ۾ ٻهرين سونا انٽر ڊسٽرڪٽ اسپورٽس گالا جو افتتاح

## ايف ايف سي ۽ سونا ويلفيئر فائونڊيشن جي سهڪار سان رانڌين جي ميلي جي شروعات

## ڪرڪيٽ، فٽبال ۽ ڊرو بال جا مقابلا جاري، نوجوانن ۾ نظم ۽ ضبط ۽ قيادت جون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ تي زور

گهوٽڪي(ن ع) ميرپورماٿيلو فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني (ايف ايف سي) ۽ سونا ويلفيئر فائونڊيشن جي سماجي ڀلائيءَ واري پروگرام تحت ٻهرين سونا انٽر ڊسٽرڪٽ اسپورٽس گالا جو افتتاح سونا پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج ميرپورماٿيلي جي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ڪيو ويو اسپورٽس

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

# سکرنڊ: ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه پاران ڳوٺ نهال لاشاري جي نئين روڊ جو افتتاح

## ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ ضلعي چيئرمين علي اڪبر جمالي سميت سياسي اڳواڻن جي شرڪت

## لاشاري برادري پاران مانجهاندي، مهمانن کي ٻوسڪي جا ٻڪا ۽ سنڌي ثقافتي لونگيون پارائي آڌرڀاءُ

سکرنڊ (س ر) قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه MPA غلام قادر چانڊيو پاران قومي شاهراهه کان ڳوٺ نهال لاشاري لاءِ منظور ڪرايل روڊ جي تعمير مڪمل ٿيڻ تي روڊ جو افتتاح ڪيو ساڻس گڏ MPA غلام قادر چانڊيو، چيئرمين ضلع ڪائونسل نوابشاهه علي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو: احتجاج ڪندڙ پوليس عمل دار سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن

ڄامشورو : وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ ڪميٽين جي ڪنوينرن جو اهم اجلاس

# سنڌ يونيورسٽي ۾ 11 آڪٽوبر تي ليڊنگ انٽري ٽيسٽ جون تياريون مڪمل

## وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ ڪميٽين جي ڪنوينرن جو اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو

## اجلاس ۾ انٽري ٽيسٽ جي انتظامن جو جائزو ڪنوينرن جي ڪوششن ۽ لڳاتار محنت جي ساراهه

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ نئين تعليمي سال 2027ع جي بيچلر ڊگري پروگرام ۾ داخلا لاءِ ٻئي مرحلي تحت ٿيندڙ انٽري ٽيسٽ آچر 11 آڪٽوبر تي ورتي ويندي جنهن جون سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن پري انٽري ٽيسٽ جي انتظا

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

# خيرپور: بي جي پي گيس ڪمپني خلاف مقامي ماڻهن جو ڌرڻو روزگار ڏيڻ

## شادي شهيد يوسي جي رهواسين جو ڪمپني جي مين گيٽ اڳيان مظاهرو نعريبازي

## علائقي مان گيس ۽ پيٽرول نڪرڻ باوجود مقامي نوجوان روزگار کان محروم آهن:مظاهرين

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان شادي شهيد يوسي جي علائقي جي رهواسين پاران بي جي پي گيس ڪمپني جي مين گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي نادر حسين رند، سيد رجب علي شاهه، فقير زاهد خان رند ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ۽ رهواسين چيو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

# وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي جو نالو ڪيس ۾ شامل ڪرڻ خلاف وڪيلن جو احتجاج

## عمرڪوٽ ۽ ڪنري ۾ وڪيلن مظاهرا ڪري سيشن ڪورٽ جا گيٽ بند ڪري ڇڏيا

## ايس ايس پي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ڪنري کي هٽايو وڃي، ٻي صورت تحريڪ شروع ڪئي ويندي

عمرڪوٽ (ڊ ر) هاءِ ڪورٽ ميرپورخاص جي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ عمرڪوٽ بار جي ميمبر وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي جو نالو ڪنري ٿاڻي تي داخل ڪيس ۾ شامل ڪرڻ خلاف عمرڪوٽ جي وڪيل برادري ضلعي جي مختلف شهرن ۾ سراپا احتجاج بڻجي وئي، عمرڪوٽ ۾ وڪيلن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد : سخي عبد الوهاب جي عرس جي لاءِ چادر جو جلوس وڃي رهيو آهي

# ڪڪڙ: هڪ ڏينهن ۾ ڦرجون 3 وارداتون، مزاحمت تي 2 ڄڻا زخمي

## ڪاري موري هٿيارٻندن ڦر دوران مزاحمت تي لطيف ۽ فريد کي زخمي ڪري ڇڏيو

## وڌندڙ بدامنيءَ تي شهرين ۾ ڳڻتي، ايس ايس پي دادو کان ڦريل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ڏوهارين حوالي، ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني جي ٻاهه ڀڙڪي پئي هڪ ئي ڏينهن ۾ 3 ڦر جون وارداتون، مزاحمت دوران ٻن ڄڻن کي زخمي ڪرڻ جو واقعو پيش آيو آهي ان سلسلي ۾ خانپور جوڻيجو لڳ ڪاري موري وٽ 6 هٿيارٻند ڦورن لنڪ روڊ تي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

# ٽنڊو آدم: 18 آڪٽوبر ڪارساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پيپلزپارٽيءَ جو اجلاس

## ضلعي صدر علي حسن هنگورجو جي صدارت هيٺ اجلاس، اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

## ڪارساز جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ٽنڊو آدم ۾ جلسو منعقد ڪرڻ جو فيصلو

ٽنڊوآدم (ن ع) 18آڪٽوبر ڪارساز جي شهيدن کي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پ پ پ ضلعي سانگهڙ جو هڪ اهم اجلاس پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي صدر علي حسن هنگورجو جي صدارت ۾ ٽنڊو آدم ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين چاچا غلام مرتضيٰ جوڻيجو جي ميزباني ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

# گمبٽ: پيرڳوٺ ۾ مسلم ليگ فنڪشنل جو ورڪر ڪنوينشن

## ڪنگري جي صدر مير ممتاز ٽالپر جي ميزباني هيٺ ورڪر ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو

## سيد شفقت علي شاهه، شاهد الرسول جيسر ۽ ٻين اڳواڻن سميت مختلف ونگز جي عهديدارن جي شرڪت

## پارٽي کي هيٺين سطح تائين منظم ۽ مضبوط ڪرڻ، ڪارڪنن جي ڪردار کي اثرائتو بڻائڻ تي زور

گمبٽ (ت ر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل طرفان ڪنگري جي صدر مير ممتاز ٽالپر جي ميزباني هيٺ پير جو ڳوٺ ۾ شاندار ورڪر ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻن مختلف ونگز جي عهديدارن پارٽي ڪارڪنن ۽ معززين وڏي انگ ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مير پور بٺورو: ايم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي آجياڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

# پنوعاقل: ريلوي اسٽيشن تي ٽرين هيٺان اچي فوجي فوت، زال ۽ ڌيءُ زخمي

## رحمان بابا ايڪسپريس مان لهڻ دوران فيصل آباد واسي فوجي عبدالغفار حادثي جو شڪار ٿيو

## فوتي جو لاش ۽ زخمي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو، وڌيڪ علاج لاءِ زخمي سي ايم ايڇ منتقل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ريلوي اسٽيشن تي ٽرين هيٺان اچي فوجي فوت، زال ۽ ڌيءُ زخمي پنوعاقل: ريلوي اسٽيشن تي پنجاب کان ايندڙ رحمان بابا ايڪسپريس ٽرين مان لهڻ دوران فيصل آباد واسي فوجي عبدالغفار ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس زال مسمات خديجه ۽ ڌيءُ بشريٰ زخمي ٿي پيون واقعي ڪانپو فوتي جو لاش ۽ زخمين کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سي ايم ايڇ پنوعاقل نيو ويو.

# خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ جهيڙي ۽ پوائنٽ بس تي فائرنگ جو ڪيس داخل

## هيڊ ڪانسٽيبل ادريس جوڻيجو جي فرياد تي 9 سڃاتل ۽ 15 اڻسڃاتل جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل

## پوليس پاران جاچ جاري، واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي اڃا تائين گرفتاري نه ٿي سگهي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ٻن شاگرد گروپن وچ ۾ ڳنڀير ڏينهن ٿيل جهيڙي ۽ يونيورسٽي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

# خيرپور مان ڏيڍ سال اڳ پراسرار نموني گم ٿيل هاڪر جو پتو نه پيو

## ڏيڍ سال اڳ شفيع محمد زيدي ريلوي اسٽيشن لقمان تان اخبارون کڻڻ ويو پر واپس نه موٽيو

## شفيع محمد جي ڪافي ڳولها ڪئي پر ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي: وارث

خيرپور(ڊ ر) خيرپور مان ڏيڍ سال اڳ پر اسرار نموني گم ٿي ويل هاڪر جو پتو نه پئجي سگهيو وارثن ۾ سخت پريشاني ڇانيل گهر ۾ ڪهرام مچل وارثن پاران هاڪر کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان ڏيڍ سال اڳ پراسرار نموني گم ٿي هاڪر

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: لڳ ڪار جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل شخص ويٺل آهي

# پٽ شاهه ۾ هڪ ئي رات ٽن وارداتن، پوليس اهلڪار سميت ڪيترائي ماڻهو ڦر جو شڪار

## ٽن هٿيارٻندن پاران پوليس اهلڪار ۽ ٻن ڪمدارن کان نقد رقم، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪلون ڦر

## نيو شيخاڻي شاخ پرسان ٽي ٻڪريون چوري، ڪچي آباديءَ ۾ عورتن تي تشدد ڪري سون جون ڪانيون ڦرڻ جو واقعو

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه ٿاڻي جي حد ۾ هڪ ئي رات دوران ڏوهن جون ٽي وارداتون پيش آيون رات دير سان پٽ شاهه ويجهو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

# خيرپور: فيض واهه پرسان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ، قتل جو شڪ ظاهر

## چار ڏينهن اڳ هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ پير شاهه ٻنگيو واسي علي شير ڪانڍڙو طور ٿي

## نوجوان جي جسم تي تشدد جا نشان موجود آهن، قتل جو خدشو آهي:وارث

خيرپور(ڊ ر) چار ڏينهن اڳ اڪناڪ ڙون ٿاڻي جي فيض واهه پرسان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ ٿي علي شير ڪانڍڙو ويٺل پير شاهه

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

# جام ناويد ڏهر منهنجي بابا واري بنگلي تي پوليس جي زور تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو:سعديه ڏهر

## اڳ ۾ هو اسان جي بنگلي تان 8 ڪروڙ رپين جو لگزري گاڏيون کاهي ويو آهي

اوباوڙو (ن ع) اوباوڙو ۾ وڏيري جام ناويد ڏهر جي ڏاڍ ظلم جبر جي خلاف ڏهر برادري جي چيف سردار ٽالي واري

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

# دادو ۾ بدامني وڌي وئي، ٻن گهرن مان 30 لک رپين جو سامان چوري

## ڏڙو روڊ واري علائقي ۾ حبيب الله ۽ آفتاب احمد جي گهرن مان سون ۽ روڪ رقم چوري

دادو(ڊ ر) دادو شهر ۾ هڪ دفعو بيهر بدامني ڀڙڪي پئي هر طرف ڏوهاري ڏينهن ڏلي جو دادو شهر جي ڏڙو روڊ واري علائقي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد : هڪ نوجوان چپلي ڪباب تري رهيو آهي

# راضيديرو لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

راضيديرو(ن ع) راضيديرو لڳ بجاءَ بند بائي پاس خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تي حادثو تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪرلڳڻ جي نتيجي ۾ ٻهارو شهر واسي پورهيت محمد موسيٰ ولد شفيع محمد ملاح سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڪار سوار پاران گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته موٽر سائيڪل سوار ڳوٺ کان لاڙڪاڻو وڃي رهيو هو راضيديرو بجاءَ بند واري موڙ کان مين روڊ تي جيئن ئي موٽر سائيڪل سوار چڙهيو ته سامهون ايندڙ تيز رفتار ڪار

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

# خيرپور واسي جو سيڪيورٽي گارڊ ڪمپني خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي رهواسي ۽ نجي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

# خيرپور پوليس ڪارروائي، پنگ هٽ، منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي بهترين ڪارروائي منشيات سپلائي ڪندڙ جوابدار گرفتار پنگ هٽ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جي جاري ڪيل هدايتن تي عمل ڪندي، ايس ايڇ او بي سيڪشن ٿاڻي ۽ سندس ٽيم بهترين ڪارروائي ڪندي منشيات سپلائي ڪندڙ جوابدار

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

# مٺياري لڳ روڊ حادثو ۾ ڄڻو سخت زخمي هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي، اسپتال منتقل

مٺياري (ڊ ر) مٺياري لڳ ڳوٺ ابوبڪر

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

# سنڌ ماءُ آهي، ان جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: قادر مگسي

## سنڌ جي بقا، وحدت ۽ ڌرتي ماءُ تحفظ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي، سنڌ ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي قبول نه ڪيو ويندو

## جيڪڏهن ڪنهن زمينن يا زرعي زمينن تي قبضي جي ڪوشش ڪئي ته ان خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي

## پاڪستان 1947ع ۾ قائم ٿيو جڏهن ته سنڌ جي تاريخ ۽ وجود هزارين سال پراڻو آهي:بدين ۾ جلسي کي خطاب

بدين ( ڊ ر ) بدين ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو جلسو سنڌ جي ورهاڱي خلاف مزاحمت جو اعلان 15 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجتماع ۾ شرڪت جي اپيل ڊاڪٽر قادر مگسي جو خطاب، سنڌ ماءُ آهي ان جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ٻين اڳواڻن جون پڻ تقريرون تفصيل موجب سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ جي بقا، وحدت ۽ ڌرتي ماءُ جي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو وقت

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

بدين : ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي عام جلسي ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

# سکر قومي رانڌ کي هٿي ڏيڻ لاءِ 26 اسڪولن کي هاڪي ڪٽس فراهم

## پاڪستان هاڪي فيڊريشن جي اهتمام هيٺ آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر ۾ پروقار تقريب

## سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي شاگردن کي جديد هاڪي سامان فراهم، ڏيهي ليول تي اڳتي آڻڻ ۽ رانديگرن جي ذهني تي زور

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان هاڪي فيڊريشن جي اهتمام هيٺ پاڪستان جي قومي رانڌ هاڪي کي اسڪول سطح تي وري اڀارڻ ۽ نوجوان نسل ۾ رانڌ جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ سکر ڊويزن جي 26 اسڪولن ۾ هاڪي ڪٽس (هاڪي رانڌ جو سامان) ورهائڻ جي پروقار تقريب آءِ بي اي پبلڪ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

# صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر جو سکر ٽراما سينٽر جو دورو

## ٽراما سينٽر جو بنيادي مقصد حادثن جي زخمين کي فوري طبي امداد ڏئي سندن جانيون بچائڻ آهي:انتظاميا

## سنڌ حڪومت پاران شهيد بينظير ڀٽو ٽراما سينٽر سکر جو قيام عوام لاءِ هڪ وڏو تحفو آهي: احمد علي قريشي

سکر(بيورو رپورٽ) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ، سکر ڊويزن احمد علي قريشي چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران شهيد بينظير ڀٽو ٽراما سينٽر سکر جو قيام عوام لاءِ هڪ وڏو تحفو آهي جتي سکر گهوٽڪي خيرپور شڪارپور ۽ پرپاسي وارن ٻين ضلعن ۾

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

# دولت پور پرسان زمين تي قبضي جي ڪوشش، هٿيارٻندن جي فائرنگ، هارين ۾ خوف

## مجيد ٻگهيو 25 کان مٿي هٿيارٻند ساڻ ڪري زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪئي:هاري

## 200کان وڌيڪ سولر پليٽن کي گوليون هڻي تباهه ڪيو، ٽريڪٽر کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

## پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچڻ تي هٿيارٻند فرار، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

دولت پور صفن (ن ع) دولت پور پرسان ڳوٺ محمد عمر سيلر ۾ سخي مرد انسان مرحوم حاجي عبدالقادر سيلر جي ڪيتي تي سندس پراڻي ملازم مجيد ٻگهيو ٻگهيو 25 کان مٿي هٿيار ٻندن سان گڏ ڪچي جي زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته زمين تي ڪم ڪندڙ پورهيتن هارين مٿان هوائي فائرنگ ڪري ڪچي کي نوگو ايريا بڻائي ڇڏيو ان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

# ٽنڊوآدم ۾ وڌيڪ پنگ واپرائڻ سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان محمد اسلم ولد محمد يوسف وڌيڪ پنگ واپرائڻ سبب بيهوش ٿي ويو جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي هو فوت ٿي ويو بعد ۾ ضروري ڪارروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

سکرنڊ : گهرو اڻبٽت تان ڦاهو کائي خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش

# سکرنڊ لڳ گهرو اڻبٽت تان نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

سکرنڊ (س ر) سکرنڊ لڳ ڪچي جي علائقي بيلي ۾ ساڙي ٿاڻي جي حد ۾ گهرو اڻبٽت تان 35 ورهين جي نوجوان ڪرشن ولد گلاب باگڙي رڻ سان رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي فوتي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

# خيرپور ضلعي جي 340 پرائمري استادن کي غير حاضري تي شوڪاز نوٽيس جاري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ضلعي جي 340 پرائمري استادن کي غير حاضري تي شوڪاز نوٽيس جاري ڊائريڪٽر اسڪول

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

# کپرو: چوٽيارين ۾ ناياب ٻازن جو غيرقانوني شڪار ۽ وڪرو، 9 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

## وائلڊ لائيف کاتي پاران غلام رضا لاشاري سميت 5 نامزد ۽ 4 نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

## اڇڙي ٿر ۾ نئين ٽونگرين ڍنڍن مان ٿي ناياب باز پڪڙي وڪرو ڪرڻ جو الزام، ٽڪ ٽاڪ وڊيوز به پڻ وائرل ٿيو

## اڇڙي ٿر ۾ ناياب پکين ۽ هرڻن جي شڪار تي ڳڻتي، ماحول دوستن پاران وائلڊ لائيف کاتي کان اثرائتي ڪارروائيءَ جو مطالبو

کپرو(ت ر) چوٽيارين ۾ ناياب ٻازن جي غيرقانوني شڪار ۽ وڪري جي آس پاس جي علائقن ۾ ناياب باز پڪڙي وڪرو ڪرڻ واري معاملي ۾ وائلڊ لائيف کاتي پاران ڪيس داخل چوٽيارين ۽ ان جي جاري، ٻازن جي واپاري رضا لاشاري سميت 5 نامزد ۽ 4 نامعلوم شڪارين خلاف وائلڊ لائيف کاتي ڪارروائي ڪندي ٻازن جي واپاري غلام رضا لاشاري سميت 5 نامزد ۽ 4 نامعلوم چڙهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ايف آءِ آر موجب، جوابدارن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گمبٽ : مقتول عجيب آريجو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

# مقتول جي قبر تي گل نڇاور ڪري اجرڪ پارائي ڀيٽا، شهرين ۽ سول سوسائٽيءَ جي ريلي

## ٻي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪن:مظاهرين

گمبٽ (ت ر) گمبٽ جي علائقي ٻهارو ۾ 10 ڏينهن اڳ بيدرديءَ سان قتل ڪيل نوجوان عجيب آريجو جي خون سان انصاف لاءِ سندس والدين ،شهرين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن مقتول جي قبر تي گل نڇاور ڪري اجرڪ پارائي ڀيٽا پيش ڪئي جڏهن ته ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي . ان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

# ڏگهڙي پرسان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب همراهه زخمي، اسپتال منتقل

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب پرائيويٽ اليڪٽرڪ ڪم ڪندڙ سخت زخمي حيدرآباد ريفر

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

# ڏگهڙي پرسان مال جو واپاري جيب ڪترن جو نشانو 90 هزار روپيا کڻي ويا

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان مال جو واپاري مبينا جيب ڪترن جو نشانو 90 هزار روپيا ۽ قيمتي سامان ڦرجي ويو ڏگهڙي پرسان ٻڪرا پڙي مان مال وڪرو ڪري گهر واپس ويندڙ واپاري کي مبينا جيب ڪترن نشانو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

## INVITATION TO E-BIDS
## THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

| SR # | TENDER NUMBER | DESCRIPTION | CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-4586-340542326-2026 | CONSULTANCY SERVICES FOR CONSTRUCTION SUPERVISION OF STANDARDIZED MAIN STRUCTURES AT SINJHORO GAS AND CONDENSATE FIELD, SINDH | 26.10.2026 AT 1430 Hrs |
| 2. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-4587-340542565-2026 | CONSULTANCY SERVICES FOR CONSTRUCTION SUPERVISION OF STANDARDIZED MAIN STRUCTURES AT KUNNAR PLANT, SINDH | 27.10.2026 AT 1430 Hrs |
| 3. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-4588-340543010-2026 | CONSULTANCY SERVICES FOR CONSTRUCTION SUPERVISION FOR WORK OVER JOBS AT WELLS JANDRAN X-2 AND JANDRAN X-4, DISTRICT BARKHAN, BALOCHISTAN | 28.10.2026 AT 1430 Hrs |
| 4. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4584-340484654-2026 | SERVICES FOR PAINTING OF EQUIPMENT, PIPING AND STRUCTURE AT DAKHNI PLANT TEHSIL JAND, ATTOCK PUNJAB | 29.10.2026 AT 1430 Hrs |
| 5. | OGDC-SCM-FD-CB-PNP-340166138-2026 | SPARE PARTS FOR ARIEL COMPRESSORS INSTALLED AT NASHP PLANT, DISTRICT KARAK, KPK | 12.11.2026 AT 1430 Hrs |

## EXTENSION NOTICE
## BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **12.09.2026, 22.09.2026, 24.09.2026** and **26.09.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

| SR # | TENDER NO | DESCRIPTION | REVISED CLOSING DATE & TIME |
|---|---|---|---|
| 1. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4505-338657780-2026 | CONDITION MONITORING AND VIBRATION ANALYSIS INSPECTION SERVICES | 19.10.2026 AT 1430 Hrs |
| 2. | OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-334468931-2026 | PROVISION OF HEAVY OIL PROCESSING FACILITIES FOR RAJIAN FIELD DISTRICT CHAKWAL, PUNJAB | 26.10.2026 AT 1430 Hrs |
| 3. | OGDC-SCM-LF-PT-PNP-UCH-334600790-2026 | DESIGN, FABRICATION, SUPPLY OF AMINE REGENERATOR CONDENSERS | 27.10.2026 AT 1430 Hrs |

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

**General Manager**
**(Supply Chain Management)**
**Oil & Gas Development Company Limited**
**OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan**
**Tel: +92 (51) 920023540/3795**

ogdcl.com
No. 221/15

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.